


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وشواس

ناول

موهن ڪلپنا

سنڌي ساهت گهر

پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ.

قيمت: پندرنهن روپيا.

عزيز ڪتاب گهر
سکر

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سيئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: وشواس
ليکڪ جو نالو: موهن ڪلپنا
موضوع: ناول
ڇاپو: ٻيو
ڇپجڻ جي تاريخ: سيپٽمبر ١٩٨٧ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، آلهندو ڪڇو،
حيدرآباد سنڌ.
پهريون ڇاپو: سهڻي ڪتاب گهر، بمبئي
١٩٥٩ع
[سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ]
ڪتاب نمبر: سو رنهون

لکپڙهہ لاءِ ائڊريس:
پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريز شاعرا ايليزبيٿ برائوننگ

۽

سنڌي ليکڪا شريمتي

سندري اتمچنداڻيءَ

جي نالي .

ڏهوڻ ڪلپنا

'yes' I answered you last night,
'No' this morning, Sir, I say,
Colours Seen by Candle-Light'
Do not Look Same by day.

Elizabteth Browning

اسين پاڻکي اينڊز نسل مان ڏسون،
امرتا کي پاڻ جو بس اهو ئي وشواس آهي.

— سندري اتمچنداڻي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ، موهن ڪلپنا جو هي ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو 'سنڌي ساهت گهر' حيدرآباد طرفان ڇپجي رهيو آهي. هن کان اڳ ساڳي اداري طرفان موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جي مجموعي 'چانڊوڪي ۽ زهر'، جو ٽيو ڇاپو ۽ ناول 'زندگي' جو ٻيو ڇاپو، ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. هيءَ ناول 'وشواس' ٽيون ڪتاب آهي، جنهن جو ٻه هيءَ ٻيو ڇاپو آهي. هن کان اڳ ۱۹۵۹ع ۾ 'سهڻي ڪتاب گهر' بمبئي وارن هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڇپرايو هو. يعني هيءَ ناول پهريون دفعو اُن سال ۾ ڇپيو هو، جنهن سال مان ڄائو هوس. ٻين لفظن ۾ هينئن چئجي ته هن ڪتاب ۽ منهنجي ڄمار هڪ جيتري آهي.

موهن ڪلپنا، سنڌيءَ جو ناميارو ليکڪ آهي. موهن ڪلپنا جو نالو وٺجي، اهو ئي ڪافي آهي. تعارف هن شخصيت جو، سندس نالو ئي ڪافي آهي. سنڌ ۾ جنم وٺندڙ اسان جو هيءُ پيارو ليکڪ اڄڪلهه سنڌ کان پري آهي سچ هيءُ آهي ته موهن، وطن ڇڏيندي جيڪو درد پاتو هو، ان درد جو اولڙو سندس هر لکڻيءَ ۾ نظر ايندو. هر جملي، هر سٽ مان سندس اهو درد ۽ ڏک جهلڪيون پيو ڏيندو آهي. عرصي گذرڻ کان پوءِ به موهن جي من ۾ اهو درد اڃا به تازو ۽ توانو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشاني طور اچا ٻه موهن جي من ۾ محفوظ آهن.

هيءَ سنڌ جي ڪهاڻي آهي. سنڌ جي سيني ۾ پلجندڙ ڪن محبت ڪندڙن جي ڪهاڻي آهي. سنڌ جي هڪ ليکڪ جي ڪهاڻي آهي....

هن ناول جي اِها خوشقسمتي چئجي جو هو سنڌ جي ڌرتيءَ تي سرجيو ۽ ان جو خاڪو هتي جي ئي ڳالهين تي تيار ٿيو. هونئن ته موهن جي هر لکڻيءَ ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌ، سنڌ ڌرتي، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت، ماڻهن جي ريتن ۽ رسمن جو ذڪر هوندو ئي هوندو آهي پر اُها ڌرتيءَ کان دور رهندڙ موهن جي خيالن جي اڏام هوندي آهي. پر هن ناول ۾ ته ڳالهه ئي ٻي آهي. جنهن کي پڙهندڙ دوست سمجهي سگهندا.

'سنڌي ساهت گهر' کي اها اُميد آهي ته 'موهن' جو هيءُ ناول پڙهندڙن وٽ مان ماڻيندو. اسان کي پنهنجا ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ڇپيل پراڻا توڙي اڻڇپيل ڪتاب موڪلي ڏيو. اسان پنهنجي اداري طرفان انهن کي ڇپرائي خوشي محسوس ڪنداسين.

ڏنو.

۲۲- سيپٽمبر ۱۹۸۷ع

—ناز سنائي

## ليکڪ جي قلم مان

ناول جو آخرين باب لکڻ بعد، اڄ جڏهن مان هڪ نظر ناول ڏانهن ڦٽي ڪريان ٿو، تڏهن من ۾ اهائي ڳالهه ٿي اچي ته ناول پنهنجي وشيه جي ڪافي ڦهلاءَ سان بيٺو آهي ۽ ان ڦهلاءَ لئي مونکي ڪجهه نه آهي چوڻو.

سوال آهي جيون جو ارٿ ۽ وشيه آهي: وشواس. جيون جو ارٿ سنگهرش ۽ سهڪار ۾ آهي. سنگهرش جو مرڪز ڪرم آهي ۽ سهڪار جو وشواس. جيون هڪ سنگهرش آهي، اهو ته سڀ ڄاڻن ٿا، ان ڪري مون جيون جو ارٿ سمجهائيندي، ڪرم کان وڌيڪ وشواس تي زور ڏنو آهي.

پنهنجي رچنا متعلق، مونکي ان کان وڌيڪ ڪجهه به چوڻ جي اڇا نه آهي.

سنڌي ادب ۾ پڌيمان ڪردار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي اندرين ڀاونا جڳت جو چٽر پيش ڪرڻ جي سوال طرف اسانجا گهڻا اديب لاپرواهه رهيا آهن. ان لاپرواهيءَ سنڌي پاٺڪن کي ٻن ڳالهين کان محروم رکيو آهي. هڪ، پڌيءَ جي ڪاڏي کان، ٻيو ڪردارن جي اندرين زندگيءَ جي روشنيءَ کان ـــ ليکن گهڻي ڀاڱي، نه، بلڪل!

انسان جي سيني جي اندر ڇا ٿو وهي واپري، هنجي اننه ڪرڻ جو، ٻاهرين زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي ۽ سڀني جو هڪ ٻئي تي ڪهڙو اثر آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين اهو ظاهر نٿو ڪجي، تيستائين ڪردارن ۾ پڙهڻ نظر نہ ايندا، انجي مونکي پوري خاطري آهي.

ان خاطريءَ ڪي ڪٽي، مان پنهنجي پڙهندڙن کي نٿو چاهيان. پنهنجي پڙهندڙن سان ڪوڙ ڳالهائي نٿو سگهي ۽ نہ وري ساهت سرجڻ جو مقصد پاڻ کي وڏو ثابت ڪرڻ آهي. مون شروع ۾ ڪي چيو آهي ته مون وشواس جي اهميت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جو ٺرمانا آهي، ان لاءِ صرف ايترو ئي ڄاڻڻ ضروري آهي ته منهنجي ڪوشش ڪامياب آهي يا نہ......

منهنجي ڪوشش ڪامياب آهي يا نہ، انجو فيصلو تڪرار جو موضوع بڻجي سگهي ٿو ۽ مان سنڌي پوليءَ جو هڪ ”مجيل تڪراري ليکڪ“ هوندي بہ ان ڏس ۾ شانت رهان ٿو. جيتوڻيڪ پنهنجي ناول لاءِ منهنجو رايو ڪنهن حد تائين ان مان ظاهر آهي تہ مون انکي اشاعت لاءِ ڏنو آهي.

مان پنهنجي شاعر دوست ايم. ڪمل جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ناول جي ٽن منظرن لاءِ، ٽي شعر لکي ڏيڻ قبول ڪري، منهنجي ناٽڪ جي جذباتي کي سمجهڻ ۽ انکي شعر ۾ قلمبند ڪرڻ جي عنايت ڪئي آهي.

— موهن ڪلپنا

۱۲-۷-۵۹ع

بلاڪ C-10/55

ڪئمپ 5، سنڌونگر.

بهار جي هڪ رات ......

آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، نارايڻ شيام جو ڪتاب ڪاويه ”روپ مايا“ پڙهي رهيو هيو. ڪمري ۾ نيري بتيءَ جو مڌ ۾ پرڪاش هو. مان تخيل جي دنيا ۾ پرواز ڪري رهيو هيو. ميڻڪا جڏهن وشوامتر کي ٺڳي، موهن کي موهيو هو ۽ ميڻڪا ڏانهن وشوامتر نه جڏهن ماڻهن تي وڌي رهيو هيو. مگر موهن کي ميڻڪا ۾ نظر اچي رهي هئي شاردا! شاردا، جنهن کي جڏهن مان ڏٺم ڪانه سڃاڻان. جنهن جي هر ڳالهه ۾ هڪ نئون روپ ورتو آهي. ڪڏهن هوءَ رتي آهي، ڪڏهن سرسوتي -

ڪڏهن اُروشي، ڪڏهن ميڪا ...... ليڪن مان به نه ڄڻ يڳ يڳ ۾ بدليو آهيان. ٻڌي چوي ٿي: اهو من جو پريم آهي! شايد آهي. ليڪن ڪيترو نه خوبصورت آهي انساني من جو پريم. ان پريم سان سنسار جا ڄڻ سمورا مهاڪاويه پنهنجا ٻٽجي وڃن ٿا. انهن ۾ ڄڻ پنهنجوئي هڪ سناتن ورات روپ آهي ...... سناتن ورات روپ!

هوا زور سان لڳڻ شروع ڪيو ......

اڪايڪ ڪمري جي هڪ کڙڪي زور سان ٺڪاءَ ڪري بند ٿي وئي: ميڪا ڄڻ هوا جي هڪ جهونڪي سان ڪتاب مان نڪري نه معلوم ڪيڏانهن هلي وئي. هڪ پلڪ اکيون ڇنڀيم. ٻيءَ گهڙيءَ ڪتاب مان نگاهه هٽائي مون پلنگ تي سمهيل شاردا ڏانهن نهاريو. نيري روشنيءَ ۾، شاردا جي جسم جو اڌ مٿيون حصو، مٿان چادر نه هئڻ ڪري رومانٽي شعر جو روپ وٺي بيٺو هئو. منهنجو ڌيان پلڪ بعد ڇت واري ٻيري مان نظر ايندڙ پورنماسيءَ جي چنڊ ڏانهن ڇڪجي ويو. مان مدجهي پيس ته نظر ڪنهن ۾ ڄمايان - شاردا ۾ يا چنڊ ۾؟ ماحول افسانوي معلوم ٿيو: مون يڪدم دل ئي دل ۾ قبول ڪيو ته مان جيون پستڪ جي ڪنهن نئين باب ۾ پرويش ڪري چڪو هئس.

ڪتاب بند ڪري، ڪرسيءَ تان اٿي وڃي شاردا جي پاسي ۾ ويٺس. آهستي مون هن جو سر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گود ۾ رکيو ۽ هنجي کيس ۾ آڱريون الجهائي، هن جي پيشانيءَ تي لڙڪيل للڪ ڏانهن نهاريو.

شاردا، استرين جي ان حلقي مان آهي، جي هوا جي هلڪي جهونڪي، همت جي هلڪي ڇهاءَ، يا ڪنهن هلڪي آواز تي ننڊ مان اُٿي ڪڙيون ٿينديون آهن. مون هنجي للڪ ڏانهن نهاريو، ليڪن هنجي اکين منهنجي نظر کي وستي تي روڪي مهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. هن جي اکين ۾ ننڊ ۽ جوانيءَ ٻنهي جو خمار هئو. تڏهن مون کي هڪ اُن شخص جي ياد آئي، جنهن باغ ۾ وڻن جي پنن ۽ پرپتما جي ساڙهيءَ جو رنگ ساڳيو ڏسي هڪ گيت بڻ سرن بڌو هئو. ليڪن مون کي شاردا جي اکين مان ٻه گيت هڪ سر ۾ ٻڌڻ ۾ آيا. هڪ گيت جوانيءَ جو هئو ۽ ٻيو ننڊ جو- ٻنهي جي خمار هڪ انوکو سر ٻڌجي، منهنجي سيني ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو.

شاعر نه آهيان تي. ڇيم:

هيءَ جواني ۽ ننڊ جو هي خمار
هڪ تي موضوع جا ٻه فسانه آهن

هن پاسو ورائي، پنهنجي ٻنهي ٻانهن سان مون کي قابو ڪري ڇيو، "خوب!"

ٻانهن جو هلڪو زور، رد-عمل ۾، منهنجي زبان تي، ڪويتا جون ٻه سٽون بيون نه ڪٽي آيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستي شباب ۾ آ شوخي، نهار ۾ آ
موسم بهار جي اڄ پوري بهار ۾ آ

۽ پوءِ رنگ ۾ اچي شعر مٿان شعر عرض ڪرڻ لڳس.

جيون جي هر ڏينهن هڪ ڪهاڻي ۽ هر رات هڪ ڪوِتا جو روپ ورتو هئو. شاردا کي پاڻ لاءِ مونکي ڪيترو نه سنگهرش ڪرڻو پيو هو! هن کي پائي مون سک جي ڪنهن انوکي ڌارا کي پنهنجي سيني ۾ ان چٽڪندو محسوس ڪيو هئو. ليڪن هاءِ ڙي هيءَ اِنساني دل! ڀلا ڪڏهن اها به ترپت ٿي آهي؟ شايد هر انسان جي سيني ۾ هڪ باغي رهندو آهي جو جڳ جي هر نهراءُ واريءَ چيز جي خلاف بغاوت ڪندو آهي....

پرڀات جو اک کلڻ سان مون شاردا کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڏٺو. گرم پاڻيءَ جو چشمو جيئن زمين مان ڦاٽي نڪرندو آهي، ٺيڪ ائين دل مان سک جي هڪ ڌارا اُڇلندي نڪتي. تڏهن مون سوچيو من جي سک تي .......

هوءَ جاڳي. آهستي، ٻانهن ۾ هوندي ٿي هن هڪ انگڙائي ڏِني. مون رات جي سموري اتهاس کي ياد ڪري هن ڏانهن نهاريو.

هوءَ ڀهرين شرمائي ۽ پوءِ پاڻ سلجهائي اُٿي کڙي ٿي. اُٿي، هٿ منهن ڌوئي چانهه ٺاهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي ۽ مان، ” دائمي سک ڇا ۾ آهي،“ ان تي سوچڻ لڳس. هن نيدي ٽيبل کي پلنگ جي ڀرسان آندو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوءِ چانهه واري ٽري اچي اڳيان رکي. ان وچ ۾ ساڳئي سوال تي سوچيندو اٿيس ۽ سوچيندي لاءِ هٿ منهن ڌوئي اچي پلنگ تي ويٺس.

شاردا منهنجي پتني آهي - هوءَ گهر جو ڪم ڪندي آهي آيا جيان ليڪن جيون ۾ هوءَ سوچيندي آهي فيلسوف جيان. هن وقت ڪم جي ڳالهه هئي ڪانه، ان ڪري هنجي صبح ساڻ اٿي، تڪليف وٺي چانهه ناشتي وغيره ۾ ڳالهه کي نظر انداز ڪندي سوال ڪيم، "شاردا، جيون جو اديش سک جي پراپتي آهي، اهو مان مڃان ٿو، ليڪن سک ملڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ ۽ جيڪڏهن ڪجهه ٿئي ٿو ته ان مان ٻه ڇا ٿو ٿئي؟ سک ته عارضي ٿي رهي ٿو. ڪجهه ٻه من ۾ چڙهڻ ٽڪاءُ ڪاني نٿو. تڏهن ڇا سچي زندگي شونيه ۾ آهي؟ ليڪن شونيه ۾ ته صرف تڏهن پرويش ڪري سگهبو جڏهن نرواڻ کي پائبو - نرواڻ! يعني ترشنائن کان مڪتي - ليڪن ترشنائن کان مڪت ٿيڻ جي اڇا به ته ترشنا آهي، تڏهن دائمي سک جي منزل تي پهچڻ جي راهه ڪهڙي آهي؟"

هن پنهنجي ڪوپ ۾ کنڊ جا ٻه چمچا وجهي، چانهه کي گهمائيندي چيو، "سوال کي اهڙو گهماءُ ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

چانهه جو ڍڪ ڀريندي، مرڪي چيم، "عادت کان مجبوري آهي مڃيدم."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چانهن جو ڪوپ ڪڍندي چيو، ”عادت کان مجبوري، آتما جي غلامي آهي، پوءِ ان غلاميءَ کان مڪت ٿيڻ جي ڪوشش ڪر صاحب!“ ائين چئي هن به مرڪي ڏنو.

”پوءِ ڇو نه مون کان تون منهنجي بتني ۽ بارهن مهيني کان منهنجي پريتما آهين، ليڪن تو منهنجي ان عادت کي مٽائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي آهي!“

”تو کي پنهنجي هڪ الڳ شخصيت آهي، مون ان کي ڪڏهن به وسارڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.“ هاڻ هن چانهه جو ڍڪ پي رکيو.

”تنهنجي اهڙي خبرداريءَ تي مان توکي داد ڏيان، ان کان اڳ مان هڪ اهڙي ڳالهه ڏانهن تنهنجو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو، جيڏانهن هڪ آلوچڪ جو ٿي ڌيان ويندو آهي ۽ مان شاعر هئڻ کان پوءِ آلوچڪ نه آهيان ٿي.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“ هن سوال ڪندي جواب لاءِ خاص انتظاري نه ڏيکاري.

مون پيشانيءَ تي ريکائون ناهي چيو، ”اهائي نه اڪثر اسين هڪ ٻئي سان ائين ڳالهائيندا آهيون، ڄڻ اوسي پاسي اسان کي ٻڌڻ وارو ڪوئي ٽيون شخص موجود هوندو آهي.“

”شاديءَ کان اڳ يا پوءِ؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” ڪڏهن به ـ ڳالهه ساڳي آهي - تون هڪ ئي وقت
ٻنهي جي پرڀتما به آهين ۽ پتني به.“

ڏاڍي هئي انهن ۽ جيئو ته ڇڏهن پرڀتما هئس، ڏڏهن
پتني نه هئس، ان ڪري ڳالهه ساڳي نه آهي، ڇو جو
پرڀتما ڪڏهن ڪڏهن تڪلف ڪان به ڪم وٺندي
آهي ۽ تڪلف وقت ڇاهي ڪوئي حاضر نه به هجي،
ليڪن لڳندو ائين آهي ڄڻ سموري سماج اڳيان اُتي
موجود ئي آهي......

هوءَ چپ چاپ منهنجو منهن تڪڻ لڳي.

” ڪوئي ليڪڪ جڏهن ڪائي آکاڻي، ناول يا ڪو
ناٽڪ لکندو آهي تڏهن هو لکڻ وقت ناٽڪي ڳالهين
ڏانهن گهڻو ڌيان ڏيندو آهي ته فلاڻي حيثيت مسڪرايو-
فلاڻي هيءَ ادائون ڪيون - هن طرز- بيان سان ڊائلاگ
چيو- ڇو ته ليکڪ جي من جي اڪل حصي ۾ اهائي
ڳالهه هوندي آهي ته اُن ڪهاڻيءَ يا ناول کي ڪوئي
پڙهڻ وارو آهي - ته اُن ناٽڪ کي ڪوئي ڏسڻ وارو
آهي - ليڪن اسين زندگيءَ ۾ ئي ناٽڪي نموني هلون،
اُنجو ڇا مطلب ؟“

هوءَ ڪرسيءَ تان اُٿي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي.
ٻئي هٿ اڳيان وڌائي، منهنجي اکين ۾ ائين نهارڻ
لڳي، ڄڻ اُن جي اندر ڪجهه ڳولهڻ جي ڪوشش
ڪري رهي هئي. اصل ۾ ائين ڪرڻ، منهنجي ئي
عادت هئي. جاتم نتي ته هنکي ڪا خاص ڳالهه ڇوٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکھي ٿو. مگر هر ڪو اُنجو سلسلو سمجهي نٿو سگهي. تڏهن ٿي زندگيءَ ۾ سلسلي معلوم ٿيندي آهي. تڏهن ڪو ئي ڪلاڪار، فيلسوف يا وگياني جاڳي ٿو، جو اُهي سڀ پدا پڙهي، جهان جي اڳيان پا سلسلي ناهي رکي ٿو، جيئن ٽئگور، آئنسٽين ۽ ڪارل مارڪس ڪيو آهي ......

اهڙن مهاپرشن جي ئي چهري تي آتم سنتوش جي هڪ اَديِّس مسڪراهٽ رهندي آهي — پاڙيڪ پاڙيڪ منٽي منٽي، من کي سک ڏيندڙ! ...... جنهن کي ڏسي اُنهن جي چرڻن ۾ جهڪي، بار بار پرنام ڪرڻ جي اڇا ٿيندي آهي ......"

زندگيءَ ۾ جدوجهد ڪندي، ڪرم ساں شونيه ڪان مڪت ٿي، اچ جڏهن مان شاردا ڏانهن نهاريان ٿو، تڏهن ڏسان ٿو ته اها شاردا ئي ته آهي، جنهن مونکي هميشه ڪرم شيل بڻائڻ ۾ سهايتا ڏي ڪئي آهي. اُها ٻه ته شاردا ئي آهي نه جنهن اهنسا، شانتيءَ ۽ اڏاوتي ڪاريه لي لکڻ لاءِ منهنجي همت افزائي پي ڪئي آهي. هن جون اهي ڳالهيون ڪرڻ سان منهنجي ئي دل ۾ پتنيءَ لاءِ ڪڏهن به نه ٽٽندڙ شرڌا جو ڀاؤ اُڀري اچي ٿو. جيتوڻيڪ شرڌا جي ڳالهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي - لڙهڻو آهي، سٽيءَ لاءِ...... سنسار جي ڪلياڻ لاءِ........

۽ مان چوندس ......

منهنجي دل جي سنگهاسن تي شاردا براجمان آهي، ائين ڪونهي. ائين ڪندي، مان هن جو اپمان به نٿو ڪرڻ چاهيان. اهو چاهي مان شاردا ڪان نه، شيلا ڪان ئي سکيو آهيان، ليڪن آهي نه سچ ته اسين خود ئي آهيون، پر ٻه اسين هڪ ٻئي جي معرفت وشال کي ڀاڻ ارپڻ ڪريون ٿا. اهو وشال ئي ته سنسار ۾ ڦهليل انسان ذات جو وشو روپ آهي. مان من وچن ۽ ڪرم سان شاردا جي ئي وٽ لڳائيندو آهيان اهو به غلط آهي. اهو ته تيو هميشه لاءِ ڀاڻ کي ئي رکڻ ...... پريم مهان به صرف تڏهن بڻائي ٿو، جڏهن اسين ئي ڪان وشال طرف لاڙو رکون ٿا. جڏهن مان شاردا جي ڳالهه ٿو ڪريان تڏهن من ۾ شيلا جو تالو به ٿري اچي ٿو.

شيلا ........

استري ۽ پرش جي وچ ۾ صرف خون يا ڪام جو سنبنڌ نٿو رهي. نه استري صرف ماءُ يا پيڻ يا صرف پتني يا پريتما نٿي رهي. متر به رهي سگهي ٿي، جتي نه خون جي رشتي جي ضرورت رهي ٿي ۽ نه ڪام جي. اهو سنبنڌ ذهني رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيلا هميشه ذهني دوستيءَ تي ئي زور ڏنو آهي.
مون اُن کي بار بار نا قبول ڪندي به قبول ڪيو آهي.
ذهني دوستيءَ ۾، هڪ پُرش کان وڌيڪ هوءَ ڪشش دار شايد ان ڪري ٿئي ٿي، ڇو جو هوءَ سڀاءَ موجب نفاست ۽ نزاڪت جي علمبردار ٿئي ٿي. جي ٻئي چيزون هن جي خون ۾ موجود به ٿين ٿيون ۽ عام طور مرد طبيعتي اُنجي مخالف آهي.

اڄ مون چاهيو ٿو ماضيءَ جي راهن تي ڀٽڪي ۽ مان ڪيس ڪنهن بند ۾ جڪڙڻ ٿو چاهيان..،

سموريءَ جي راهه ۾ سڀ کان اڳ ڪٿي آهي شيلا....
سوچيان ٿو، ٻڌران شيلا سان ملان يا پاڻي سانوريءَ سان، جنهن ئي مون کي آزاديءَ جي هلچل ۾ موڪليو.
شيلا ته بعد ۾ ملي هئي. آزاديءَ جي هلچل ۾ ٻيو نه وتان ها ته شايد هوءَ ملي ئي نه ها......

ڪراچيءَ ۽ اُن جون رنگين فضائون.......

بئچلر آف آرٽس بيڙ بعد، نوڪري نه ڪري سڌو قومي هلچل ۾ ڪاهي پيس. پاڻ سڳن جو قومي هلچل سان ڪافي واسطو رهيو هئو؛ ليڪن شاديءَ بعد هو گرهه ـ سنسار ۾ الوپ ٿي ويو. ساورتي پاڻي گهر ۾ آئي ته ناريءَ جو هڪ انوکو روپ ڏٺم. هوءَ هڪ ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريب ٿي محسوس ڪيو. هنجي اکين مونکي ڏوريءَ جو اشارو ڏنو ۽ چپن نزديڪ جو. پيشانيءَ تي اڳل تلڪ جي پر ۾ لڙڪندڙ چڳ، چت چور لڳي رهي هئي ۽ هنجي ڪائي ڳل وار ڪارو تر هنجي چپن ۽ اکين کي اپيد ثابت ڪري، من ۾ ساتوڪ ڀاو پيدا ڪري رهيو هئو. سندس سندر شرير من ۾ جماليت جي احساس کي حظ ٿي ڏنو ۽ مونکي گمان ٿي جاڳيو ته شايد ڪنهن مهان آتما جو آشيرواد پائي، اجنتا جي غفائن مان ڪائي مورتي ٻاهر نڪري آئي هئي.

پنجويهن انقلابين جي وچ هوءَ جڻ ٻين جي موجودگيءَ کان مڪت ٿي وئي هئي. هن اهنسا ۾ وشواس ظاهر ڪيو هئو. هنسا جي فائدي ۾ ڳالهائيندي منهنجي نظر جڏهن هن ڏانهن ٿي ويئي تڏهن هنجي پنهنجي وشواس واري نظر کي ڏسي منهنجي نظر موٽ ۾ هڪ هلڪو ساڪ ڪٽي ٿي آئي نهايت مشڪلات سان مان پنهنجي ويچارن جو سلسلو قائم رکي ٿي سگهيس.

ڀاڄ مهل مون هن کي سامهون ڏاڪڻ ۾ ڏٺو. ليڪ مان هنکي ڪراس ڪندو، نڪتو ۽ هيٺ لهي ويس.

"تورو ترسو." مٺاڻ آواز آيو.

مان هيٺ پڌر ۾ پهچي چڪو هئس. هوءَ ٻهر ماڙ تي روشنيءَ جي دائري ۾ هئي. هيٺ اونده هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان روڪجي ويس. پنيان وري هن ڏانهن نهاريم. هوءَ ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي آئي ۽ مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ ڪوئي منهنجي دل جي خالي سنگهاسن طرف قدم وڌائيندو ٿي آيو. هن هيٺ اچي، ٻانهن کان پڪڙي چيو، "مونکي ٻه پاڻ سان وٺي هلو."

مٿان ساڳيوئي ٺوڪي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌي، هن کي ٻانهن کان پڪڙي، ڏاڪڻ هيٺان ڪوٺيءَ وانگر ٺهيل ٺڪر ۾ وٺي ويس. اسين ٻئي سهڪي رهيا هئاسين.

"پوليس هتي نه پهچي ويئي." هن سهڪندي چيو.

"اونده ۾ پڇاڻ ٿي سگهي ٿو."

"ليڪن پوليس وٽ ٽارچون نه ......"

"ش ......"

هن پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ساهه کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ساڳئي وقت منهنجي ساهه کي روڪڻ لاءِ هن پنهنجو ڪاٻو هٿ اڳيان وڌائي منهنجي منهن تي آندو. ٻنهي جا ساهه ٽڪرا ٽڪرا ڪٽجي رهيا هئا — پنهنجا مون هن جي هٿ مان ۽ هن جا پنهنجي سيني سان محسوس ڪيا.

ٻه پوليس وارا هئا - ٻئي ڏاڪڻ تان سڌائي ڏڪندا ٻلب ڏڳه کان ٻاهر نڪري ويا.

"ويا؟" هن وياڪل ٿي پڇيو.

من ۾ آيم، چوان: نه. مون اونده جو ۽ هن اونده ۽ منهنجو، ٻنهي جو سهارو ورتو هو. ڪيترو نه سک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي رهيو هئو من کي - زندگي جو ارٿ ٻه ته اهو ئي آهي ته: سنگهرش، سهڪار ۽ وشواس. هڪ اڻواقف ناري، سندر ناري، من کي لڀائڻ، جيون کي پرچائڻ ڏيڻ واري ناري! ڪوڙ ڳالهائڻ جو موقعو هجي ها ته شايد ڳالهائي به چڏيان ها - ڪوڙ ڳالهايم ته ڪونه، البت جواب ڏيڻ ۾ ڪجهه سيڪنڊ دير ضرور ڪيم.

"ها." منهنجي آواز، هنجي هٿ سان ٽڪر ڪائي، جڻ "آه!" جو روپ ورتو.

پيءَ گهڙيءَ هوءَ پاڻ سلجهائي ٿورو دور ٿي ويٺي.

"توهان ڇو پڇيوءَ؟"

"ڇو؟"

"مان ته هنسا ۾ وشواس رکان ٿو - منهنجي لڙائي ته جيل کان ٻاهر آهي."

"منهنجو ڪيتر به ته ٻاهر ئي آهي."

"هڪ جيل ۾ وهندو ته چار مائٽ، چار دوست اٿندا، اچيان وڃنداه گم تيڻ سان اٿين نٿو ٿئي، تنهنجي لاءِ ٻهرين ڳالهه وڌيڪ بهتر هئي."

"انقلابين جون گرفتاريون، انقلاب جي آگ کي اڃا به تيز ڪنديون آهن، اهو منهنجو به وشواس آهي ۽ انجو ثبوت به واسطو آهي - ليڪن اسين ته اڃا شروعاتي انقلابي آهيون."

مون وٽ ڪو به جواب نه هئو - ساڳئي وقت جواب جي ضرورت به نه سمجهيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"۽ مان جي نه پڇان ها ته توسان واقفيت ڪيئن ٿئي ها؟"

مان تعجب ۾ پئجي ويس. ٻي گهڙيءَ دل ۾ هڪ انوکو آنند محسوس ڪيم. چيم، "اهو ڇا سهڪار جو انعام آهي؟"

هن هلڪو ڪليو.

"اڇا تنهنجو نالو؟" مون هنجي ٻانهن کي پڪڙي چيو.

"شيلا."

"۽ منهنجو شيکر."

"ليڪن هيءَ ڇا - تو مونکي هيئن پڪڙيو ڇو آهي؟"

مون هنکي ڇڏي ڏنو. پوءِ آهستي چيم، "مان ٻاهر وڃي حالتن جو جائزو وٺي ٿو اچان، ليڪن ممڪن آهي پڪڙجي پوان، ان ڪري پنهنجو پتو ته ٻڌائي ڇڏ."

"هائي، هن وقت مان توکي ڇا چوان - ڏاڍو Emotional ٿو ڏسجين. خير، مان برنس روڊ تي، سيوهائي ڪلب جي سامهون ٽماڙ تي رهندي آهيان."

پهرين ڳالهه لکي لڳي، ته رو ڏکي نه ٿيم. لڏ هن ۾ بنا ڪجهه چوڻ جي اُتڏ ڪار جي گهيري مان ٻاهر نڪري، رستي تي ٻڌهي پاسن کان نظر ڦٽي ڪيم. ڪجهه دور، هڪ پوليس واري کي ويندو ڏٺم. واپس موٽي، شيلا کي سڏ ڪري چيم، "ڏس شيلا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ٻاهر نڪري بس پڪڙي هلي وڃ- ڪوئي
جيڪڏهن پڇيئي ته ..... "

" ته ڪي رهڻ ڏي — تون؟"

" مان؟" هٻڪي چيم، " مون - مونکي رهڻ ڏي،
تون وڃ."

" چڱو،" هن ويندي چيو، " وسارج نه -
"We part to meet again"

وساري سگهندس؟- توکي؟ اسين مليا آهيون جدا
ٿيڻ لاءِ، اهو خيال ئي مونکي ڇڻ نوري ڇڏيندو
شيلا! ليڪن اهو سڀ من ۾ هئو- زبان تي هڪ لفظ
به نه آيو. ڏسندي ڏسندي هوءَ ويندي رهي ۽
مان ايئن بيٺي ڏسندو رهيس. ٻهرين ماڙ تان ايندڙ
هلڪو پرڪاش، هنجي سفيد پوشاڪ سان ٽڪر کائي،
وڏيڪ ارت پيرو تي ويو. ليڪن ڪوئي دل جي
سنگهاسن وٽ پهچي به اُن تي وينو ڪونه، اهو مون
هنجي وڃڻ کان اڳ ئي محسوس ڪيو.

منٽ کن بعد مان به ٻاهر نڪتس. اڇي ٻلب نگهه
جي دروازي وٽ بيٺس. سامهون بس کي ايندو
ڏسي خوش ٿيس. شيلا اُن ۾ چڙهي ته مان به اوڏانهن
وڌيس. بس پاسي کان لنگهي ويئي ۽ منهنجي زبان
مان از خود ڪوئتا جون ٻه سٽون نڪري ويئون.

ائين محسوس ڪيو دل تو سان هڪوار ملي
جڻ خوشيءَ کان هيل ائين هوءَ محروم هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جيون جي ڀرين ڪويتا .......

ان ڪويتا کي بار بار دهرائيندو اڳتي وڌيس، جو ساڄي پوليس واري کي پويان موٽندو ڏٺم. هن نزديڪ ايندي پڇيو، "ڪير آهين؟"

مون مشڪي، واچ ۾ ٽائيم ڏسي چيو، "اڃا ته صرف ٻه وڳا آهن دوست."

هو به ذرا مزيدار آدمي ٿي ڏٺو. چيائين، "اصل ۾ مونکي به ٽائيم ئي پڇڻو هئو- ڪمبخت ٻارهن نٿا لڳن."

مان ڪلندو بس اسٽينڊ وٽ وڃي بيٺس. سوچيم: ڀرين ملاقات ۾ ئي ڪو دل جي سنگهاسن تي ويهي، اهو ضروري نه آهي. ان ڪري منهنجو غم سياويڪ هوندي به ڪائي خاص معنيٰ نٿو رکي. هوءَ جدا ٿي آهي وري ملڻ لاءِ، منهنجي دل جي سک لاءِ بس ايترو ئي ڪافي آهي.

گهر پهچي اها ڳالهه ساوتري ڀاڀيءَ سان ڪيم. البت ڪيس اهو ڪو نه ٻڌايم ته رستي تي ٻه سٽون ڪويتا جون به ٺاهي آيو هئس. سڄڻ ذرا گهٽ ڳالهائو آدمي آهي. هن رائي ۾ صرف اکين جي هڪ چمڪ، چپن جي هڪ مشڪ ئي رکي. ساوتري ڀاڀي ليڪن ٽهڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنکي ڪنهن لڙائيءَ جي ميدان ۾ موڪليو وڃي - جتي
هو توپن ۽ ٻرگولن جا زوردار ڌڪاؤ ٻڌي ڪجهه
گهرائيءَ جي عالم کان ٻاهر نڪري - ٻاڻ کي ڪجهه
ڪوڪلو محسوس ڪري."

سگهن پنهنجو ساڄو هٿ کولي، پنهنجي پيشانيءَ تي
ٽڪاءُ ڪندي چيو، "هاءِ ڙي اياڳا پارت ورش!
هيءَ آهي اڄڪلهه جي پائرن جي حالت ......" مون
ڏانهن منهن ڪندي چيائين، "اڙي او موڪه، هڪ
پارٽي ناريءَ جي سامهون هنجي ٻنيءَ جي ٻاري ۾
اهڙيون ڳالهيون ڪندي توکي ڏرو به سنڪوچ نٿو
ٿئي؟"

پاپيءَ ٿهڪ ڏيندي ٿي چيو، "توهان جي دوست
کان، توهان جو چرچو وڌيڪ معياري آهي."

"پاپي،" مون چيو، "پائوءَ سان وڌيڪ چرچا نه
ڪرڻ کپن - نه ته ڪٿي هو اسان جي چرچن جو چيڊ
ڪندي، چرچي جو معيار تي نه ڪيرائي ڇڏي ..."

پائو به ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن چرچو برداشت
ڪري، ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو هئو. تڏهن وڌيڪ
چرچا نه ڪري پاپيءَ کي چيم، "چگو پاپي پنهنجي
هن ڏير جي پيٽ جو خيال، اڄ ڇا تون نه ڪندينءَ؟"

پاپيءَ ڪرسيءَ تان اُٿندي کلي چيو، "مون ته
خيال لاهي ڇڏيو هئو. سوچيم: پهرين ملاقات جي
خوشيءَ ۾ توکي ان جي ضرورت ئي نه پوندي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳڻ ۽ موٽ ڪليو. هوءَ رڌڻي ڏانهن هلي وئي.
"سو تون هنسا ۾ وشواس رکين ٿو." يڪايڪ ڀائوءَ گنڀير ٿي چيو.

"ها."

"ليڪن هنسا لاءِ تو وٽ آهيئي ڇا؟"

"وقت تي سڀ ڪجهه ملي ويندو ڀائو."

"ته هڪ ڳالهه ٻڌ- جيڪڏهن هنسا ڪرين ته ساوتريءَ کي ڪڏهن به نه ٻڌائج." هن آهستي چيو.

"ڇو؟"

"آخر به ناري آهي ۽ توکي سمجهڻ گهرجي ته هنسا کي آئينده آهي ئي ڪونه ۽ هنسا ڀوڳائيندي آهي. مان تنهنجي دک ۾ حصو وٺي سگهان ٿو، هنکي آجو رک."

"ليڪن ڀائو، آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ هن ئي ته مونکي موڪليو آهي. اڄ جنهنجي ڳالهه ڪري رهيو هئس، اها به ته ناري ئي آهي. جتان اُستاد ملي، تو اُن طرف ئي مان شانت رهان، اها ته پنهنجي خلاف هنسا آهي ڀائو."

سڳڻ اکيون ڇمڪائي چيو، "تون اُستاد جو دائرو محدود ڪري، پنهنجو پاسو مضبوط ڪري وٺين، پنهنجي ان چالاڪيءَ تي مان توکي داد ڏيان ٿو."

"ضرور ڏيو." مشڪندي چيم، "ليڪن مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داد نہ آزادي گھرجي - جنھن ۾ ڊن ۾ لوهان مونکي جڪڙڻ چاهيو ٿا، اُن کان ڇوٽڪارو."

"ڇگو اُٺ، هٿ مٿهن ڏوءَ."

ڪرسيءَ ٽان اُٿي سيٽيون وڄائيندو گينديءَ ڏانهن وڌي پس. ليڪن هٿ مٿهن ڏوٿي جڏهن مولي وري ڪرسيءَ تي ويٺس تڏهن مون محسوس ڪيو تہ مونکي خاص بکہ نہ لڳي هئي. من جي حالت اهڙي هئي، جو مون ڪجھہ سوچڻ تي چاهيو. ان ڪري هڪ ٻہ گرہ کائي، مسڪراهٽ سان پاپيءَ جي ڇيل ڳالھہ کي تسليم ڪري سڌو پنھنجي ڪمري ۾ هليو ويس ۽ بتي وسائي پلنگ تي ليٽي پيس.

تڏهن اکين جي سامهون ڏاڪڻ وارو نظارو ڦري ويو. هن ٻپ ۽ چان پنھنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪايو هئو. ۽ ياڪل تي هن جڏهن "وڃا" چيو هو، تڏهن هوءَ ڪجھہ مٿي چڪجي آئي هئي - ٻنهي جي دلين جي ڌڙڪن تيز هئي - سنگھرش ۾ ٻنهي جي حالت ساڳي هئي. هن وارن ۾ ڪوئي خوشبودار تيل نہ هنيو هئو - شايد اٿيا وار هئا هنجا، تڏهن بہ مون اُن ۾ هڪ ڪڏهن بہ نہ چاتل دلڪش هٻاءُ محسوس ڪيو. جيون ۾ پهريون ڀي دفعو ڪو منهنجي ٻانهن ۾ آيو هئو - پنھنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪايو هئو ۽ "وسارج نہ" جي ڳالھہ ڪئي هئي - هن کي مون طرف ٻپ آندو، ليڪن ٻپ کان وڌو هڪ وشواس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون ۾ آئي ۽ جڏهن مون کي وشال طرف وٺڻ جو سهارو ڏنو .... ....

شيلا:- ڪرانتڪاري ناري ......

ٻئي ڏينهن صبح جو هن جي گهر ڏانهن رخ رکيم. سيوهاٽي ڪلاب وٽ پهچي سامهون نهاريم. ٽماڙ وارين بلڊنگن جي لمبي قطار ۾ ڪنهن به ٽماڙ واري بالڪنيءَ ۾ شيلا نه ڏسي، منجهي پيس ته هاڻ ڇا ڪريان. رستي تان متين جڳهين ڏانهن نهارڻ، سڀيتا جي خلاف ليکيو ويندو آهي. ڏسندڙ جيڪڏهن جوان آهي ته سماجي شعور ان ٻنڌن کي ٽوڙڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ان ڪري گهڻو نهارڻ ڇڏي، چپ چاپ سڌي ليڪ پڪڙي سامهون واري بلڊنگ ۾ گهڙي ويس ۽ اٿين ٻه ٻه ڏاڪا ٽپندو، منٽ اڌ ۾ ٽماڙ تي وڃي پهتس.

تڏهن هڪ گهر مان هڪ نوجوان کي نڪرندو ڏٺم. هن کي کاڌيءَ جا ڪپڙا پيل هئا. واقف نه هوندي به جئه- هند چئي هو ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو. هن جي ڊريس ۽ نعري منهنجي دل کي تسڪين ڏني ته مان نيڪ منزل تي آيو هئس..

مون دريچ مان پڪاريو، ”شيلا ديوي.“

دروازو ٻيڪڙيل هئو؛ جنهن کي هڪدم کلندو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون شيلا کي مشڪندو ڏسي هڪ ڪن لاء منجھوي پيس ته ڀوڙين. ڇا چوان : نمستي - جئه هند - سلام ؟ ليڪن مان ڪجھه چوان، ان کان اڳ هن مسڪراهٽ کي بار يڪ ڪندي چيو، " تون - ايترو جلدي ؟"

هڪ گهڙي چوٽ .......

" مان دروازي تان موٽي ويس، تنهنجو ڇا اهڙو اشارو آهي."

" نه نه شيکر- تون اڃ- Emotional آهين اهو نه ڪلهه ئي ڄاڻي ويئي هئس ليڪن ڄاڻم نٿي ته تون Sensitive به آهين -" ڪلي، " تون ڪيئن هنساواد ي تي سگھيو آهين؟" روڪجي، " ليڪن اندر اچ نه."

گهر ۾ گهڙندي ئي چوڻ ڪنهن مونکي ٻيرين ڪان پڪڙي ورتو. سردار پٽيل ۽ سنڌي پوشاڪ ۾؟

تڏهن سڄي ڪمري ۾ گونجي اٿي شيلا جي مڌرڪل. سامهون واري شخص به مرڪيو.

شيلا چيو، " هن گهر ۾ جڏهن به ڪو نئون شخص ايندو آهي تڏهن هميشه هو نو جيان بابا کي ڏسي سراپجي ويندو آهي ۽ تمام ٿورا شخص اهو نٿا ڄاڻن ته وڪالت ۾ بابا جي ڪاميابيء جو هڪ ڪارڻ، سندن سردار پٽيل سان مشابهت رکندڙ شخصيت به آهي." پيء گهڙيء هن اڳيان وڌي اسان ٻنهي جي واقفيت ڪرائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيل صاحب جي ڪرسيءَ ڏي وڌڻ ۽ شيلا جو اشارو پائڻ سان مان ٻه ڪرسيءَ ڏي ويس.

”ڏنيران ڇوڪري جي ڳالهه نه آهي، اِسٽرگل ڪبدي هر ڪو هڪ ٻئي کي هيلپ ڪندو آهي. ٻيو نه مان شيلا سان ان ڳالهه ۾ انڪري نٿو ڪريان ته تو ڪا شيلا کي هيلپ ڪئي آهي. ٻڌاءِ تو هڙڪي ڪهڙي هيلپ ڪئي آهي؟- تون خود ٻه ته هيلپ لاءِ واجهائي رهيو هئين. ٻه ڏه ڀيرا هن تي ويا. پر جيئن ته اڪثر ڇوڪريون پاڻ کي وڪرسيڪس سمجهنديون آهن ان ڪري ضرورت نه هوندي ٻه هن رات جو ڪلاڪ منهنجي اڳيان ۽ اڌ ڪلاڪ صبح جو ڪرشن اڳيان تنهنجي سارا ٻه ڪئي آهي.“

مان اواڪ رهجي ويس. جي ڇوڪريون پاڻ کي ايلائون سمجهنديون آهن، شيلا اُنهن مان نه آهي، اهو ته هن جو آزادي حاصل ڪرڻ مردن سان کلڻو کلهي سان ملائي ڪاريه ڪرڻ مان ظاهر آهي. ليڪن هيءَ ڪرشن ڪير؟ ۽ شيلا جو منهنجي تعريف ڪئي آهي، ان مان اهو ٻه ظاهر نه آهي ته سندس اڄ جي شروعاتي رنگين ٻي رخي، پيار جي ڀورين نازڪي ادا آهي؟-

ڏيرج سان چيم، ”ڏسو، وڪيلن سان همت ڪرڻ جي لياقت مون ۾ نه آهي، ان ڪري مان توهان کي جواب ڏيڻ جي بيت ۾ شانت رهڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيلَ صاحب هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو.

تنون ماحول ۾ هيءَ وهنوار! شيلا ڏانهن نهاريم، هوءَ منڪي اچي پيءُ جي پاسي ۾ ويٺي.

”پاڻي مان نہ رواجي وڪيل آهيان- تو هان جو انگريزن سان هيڏي وڏي لڙائي شروع ڪئي آهي، اُن لڙائيءَ ۾ ڪٿي ڪيئن سگهندا جيڪڏهن منهن مان ڪجهہ ڪڇندائي ڪو نہ؟ آفٽر آل، انگريز قوم تہ اسڪالرس جي قوم آهي.“

مُشڪي چيم، ”ڏسو اسانجي لڙائي انگريز قوم سان نہ، انگريز حڪومت سان آهي ۽ ڪابہ حڪومت، زمين جي اُن حصي تي جتاءُ ڪاڻي نٿي سگهي، جتي جي عوام کي اُها نامنظور آهي، پوءِ اُها حڪومت ڀاهي اسڪالرس جي ڇو نہ هجي - ”ڪجهہ روڪجي،“ باقي رهي انگريزن جي مهما - سو اسڪالرس جي عزت جيئن سڀي سنسار ۾ ٿيندي آهي، تيئن هت بہ ٿيندي آهي، ليڪن جي شخص ٻين جي آزاديءَ ۾ دخل وجهن ٿا، اُهي مهان تہ ڪڏهن بہ ٿي نٿا سگهن، پوءِ انهي تعريف ڪرڻ وارا ڀاهي تو هان جهڙا وڏا شخص ڇو نہ هجن“ ٽوڪ جي نوع سهہ، ”۽ منهنجي لاءِ ان ڳالهہ کي خاص معنيٰ نہ آهي تہ اوهان جي تعريف ”آفٽر آل“ آهي يا ”بفور آل.“

هن وري بہ کلي چيو، ”تون ڪافي سمجهدار تو معلوم ٿيين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ليڪن تون ڇا شيڪر ڪڻي ڇانهن ۾ نه پيارئيندين؟"
مون چيو، "مونکي منهنجي جلد بازيءَ لاءِ معاف ڪجو" شيلا ڏانهن منهن ڪندي، "ڇانهن ڪي رهڻ ڏي. مان وڃان ٿو."

شيلا پيءَ چيو، "وڃڻو هجيئي ها ته وڃين نه ها."

"منهنجو وڃڻ منهنجي جلد بازيءَ جو پراشچت آهي."

"ته پوءِ ڇانهن پٽڻ جو گناهه هاڻ ني ڪري ڇڏ."

"ڇا؟"

"واٽ ڇا؟" هن انگريزيءَ ۾ چيو:

**Don't be superfluous, moving like a hero of mediocre social novel.**

هن جي ان معياري نقطچينيءَ تي مون ڪان هڪ ٽهڪ نڪري ويو. شيلا به سانڍهيءَ جو آنچل واءِ ۾ وڃهي، ڊ بيل ٽهڪ ڏيندي رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.

شيلا جي وڃڻ بعد هن گنڀير ٿي چيو، "ڏس شيڪر، جيڪڏهن سياست ۾ بهرو وٺين ٿو ته هڪ ڳالهه جو خيال رک، ڪنهن جي نقطچيني ٻڌي هڪدم اُن کي پنهنجو مخالفتي يا چاپلوسي ٻڌي ڏوست نه سمجهج. ڇو ته ٻنهي حالتن ۾ حقيقت ڇا آهي، سو تون پروڙي نه سگهندين. رواجي طرح نقطچيني ٻڌي، پاڻ کي درست ڪرڻ جي بجاءِ ماڻهو هميشه ٻئي جا پاسا سوچيندا آهن؛ چاپلوسيءَ ۾ پاڻ کي پرفيڪٽ سمجهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احتجاج ڪرڻ لڳندا آهن. هي ڳالهه چرچي کي برداشت ڪري سگهي. توهان ماڻهن کي عوام سان گڏ اڳيان وڌڻو آهي - انهن جي وچ ۾ ڳالهائڻو آهي ۽ توکي شايد خبر نه آهي ته ماڻهو ڇيڙائيندا آهن.“

بحث ڪرڻ نه مون چاهيو ٿي ۽ نه ضرورت ئي هئي. جواب ۾ صرف ايترو ئي چيم، ”مونکي صرف اوهانجو آشيرواد ئي کپي.“

هو کلڻ لڳو.

چانهه پيئڻ بعد هن واچ ۾ ٽائيم ڏسندي چيو، ”اڙي - هيترو ٽائيم ٿي ويو آهي، اڃا اخبار وارو نه آيو آهي، اڄ اچي ته ڊب ٿو ڪڍانس“ اٿندي، ”ٺيڪ آهي، مونکي اهيئين فريڊم روڊ تي وڃڻو هئو، اڳو پوءِ اتان ئي اخبار به وٺندو ٿو اچان.“ ائين چئي هو موڪلائي هيٺ لهي ويو.

هو ويو ته منهنجي من ۾ ڪرشن جو نالو تري آيو.

شيلا سامهون پيل ڪرسيءَ جي پٺيان بيهندي چيو، ”ڪجهه چوڻ ٿو چاهين؟“

”چوڻ لاءِ من ۾ گهڻو آهي ۽ اُن ۾ سڌ وهنوار جي ڏيک جي به ڳالهه نه آهي، پوءِ به اُن سڀ کي نظر انداز ڪندي صرف ايترو ئي ڄاڻڻ چاهيان ٿو: اڄ تون منهنجي گهر هلندينءَ؟“

تڏهن هڪ دفعو وري گونجي اٿي هنجي مڌر، رسيلي کل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” ڀلا نيند جي لاءِ تون منهنجي گهر اچي سگهين ٿو؟ مان تنهنجي جاءِ تي اچي سگهان؟ اهو پيڊ جو شيکر.“

” وري ملبو، اهو نه لوڻي جيو هئو.“

” ليڪن پيٽو نه لوڻي گهريو هئو.“

” ڇو مان گهران ٿي ڇو ها جيڪڏهن تون اٿين نه چوان ها نه .......“

” نه؟“

” نه تون جيڪڏهن پڇين نه ها نه مون سان تنهنجي واقفيت نه ٿئي ها!“

” نه تون ڇا اٿين ڏو سمجهين نه مان تنهنجي لاءِ پڳي هئس؟“

” ان چوڻ جو مطلب ڇا هئو، سو سمجهڻ ڇا ڏکي ڳالهه آهي؟“

” ليڪن جو ڪجهه تو سمجهو آهي، اهو صحي آهي، اهو ضروري نه نه آهي.“

” ساڳي ڳالهه مان اُلٽي نموني چوان نه؟“

هڪ پل لاءِ اکيون پوري، هن مرڪي چيو، ” نه پوءِ مونکي اهو قبول ڪرڻو پوندو. نه ان کان وڌ ڪ سمجهڻ جو سلسلو تنهنجي هن نيند سان ڳنڍيل آهي.“ پيشانيءَ ۾ هلڪو گهنج ٿاهي، ” ڪيئن؟“

مون ان جو جواب مسڪراهٽ سان ڏنو.

هن ڪرسيءَ تي وهندي چيو، ” چڱو، اهو نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌاءِ شيڪر، مُن جي اُچل جنهن طرف وڃي وڃڻ چاهي، توُن ڇا صرف اوڏانهن ئي هليو ويندو آهين؟“

”شايد ائين هجي ها،“ مون پيشانيءَ ۾ ريکائون پائي، هڪ لڪي نظر سان چيو، ”ليڪن جيئن ۾ ڪڏهن به ڪنهن غلط منزل ڏانهن ويو هوندس، اهڙو مونکي هڪ مثال به ياد نه آهي.“

”ياد جو واسطو حافظي سان رهندو آهي ۽ مونکي خبر نه آهي ته تنهنجو حافظو ڪيئن آهي- پر ڳالهه ته اسين جيئن لفظ کي نهايت محدود معنيٰ سان ڪم آڻيون ٿا- ٻڌاءِ ته گهر، ڪاليج ۽ آفيس کان وڌيڪ اسانجي عمر ۾ ”جيئن“ آهيئي ڇا؟“

”توُن ئي ٻڌاءِ“ هڪ خاص نظر سان، هڪ التجا ڪيم.

هن اُن نظر جو ارٿ پڪڙي، ڪلي چيو، ”هلچل ۾ رهندي، مَن ذرا پتر ٿي ويو آهي- ڪجهه به مَن کي ڇڻ ڇهيئي ڪري نه. اڄ جنهن ناريءَ جي سامهون ان ڪرسيءَ تي ويهي، جنهن خاص نظر سان مون ڏانهن نهارين ٿو مان ان کان اڻ ڄاڻ نه آهيان- اهڙي نظر ته مونکي پنهنجي مختصر زندگيءَ جي ڪيترن هنڌن تي ملي آهي- اصل ۾ اهائي نظر آهي جا ناريءَ جو من چورائي سگهندي آهي ۽ اهائي نظر آهي، جنهن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ مونکي پنهنجي مَن کي پتر بڻائڻو پيو آهي. ڏس، توُن پريشان نه ٿي، صرف اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن مون وري هن ڏانهن نهاريو.

هن سچل اکين سان چيو، ”تون پريشان نه ٿي شيکر، توکي نند ۽ ٻٽاڻي مان نه خود به جهڪي ٿي وڃان!“ پريل آواز سان، ”تو ۾ وشواس آڻڻ سان ڪوئي به مهان ٻڌجي نٿو سگهي. تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر.“

هنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي هئو؛ منهنجون نظرون هنجي چهري تي- اڄ به مان جڏهن ان کي ياد ڪريان ٿو، تڏهن محسوس ٿو ڪريان ته ڪوئي آهي، جو منهنجي پر ۾ ٻهي، منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چئي رهيو آهي ”تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر!“ مان وياڪل ٿي مٿي نهاريان ٿو- ڏسان ٿو، شيلا آهي، اکين ۾ آنسو ڪٽي، هوءِ اڄا به چئي رهي آهي: تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر ........

وشواس!......

هڪ انوکو وشواس کٽي شيلا منهنجي جيون ۾ آئي. تڏهن سنگهرش لاءِ نئون اتساهه؛ نئون اُمنگ من ۾ چوليون مارڻ لڳو. ڪارڻ لاءِ لڳن وڌي ويئي. هنسا ۾ وشواس جو فيصلو نه اڄا ٿيو نه هئو، ان ڪري اسانجو ڪارڻ سماڳيءَ ليڪ تي هلڻ لڳو: اپياس ڪرڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن ۾ پنهنجو پريشان روپ نظر ايندو هيو. مان ڪنهن اونداهي رات ۾، نهايت اوچو بيٺجي، تارن کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪندو هيس ته ڪڏهن هڪ وڏو طوفان برپا ٿيندو هيو. سڀ تارا ٽٽندا ڪرندا محسوس ٿيندا هئا - مان چلائي چلائي پڇندو هيس: منهنجي سيني ۾ هيءَ آنڌي ڪهڙي - طوفان ڪهڙو؟ ۽ پوءِ ڪوئي ڦٿو چاتي ته ڇو انيڪ تارا زور زور سان مون سان ٽڪرائجي، مونکي زخمي ڪري ٽوڙي ڇڏيندا هئا - مان آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ پربت جيترو اوچو!.... چوٽون کائي، جلندو، پڇاڙ کائي ڪرندو هيس: ها، ڪوئي سهاڻا لاءِ ايندو هيو - ايندي هئي شيلا - تڏهن ٻاهرين آگ شرابر مان رستو پائي، دل ۾ پرويش ڪندي هئي - ٻاهران ڪجهه به نظر نه ايندو هيو - شيلا پڇندي هئي: ڇا ٿيو؟ چوندو هيس: ڪجهه ڪونهي، من چنچل آهي نه، خواه مخواهه پريشان ٿيو وڃي ......

هڪ ڏينهن اهڙي ئي آنڌي اٿي سيني ۾ ۽ مان شيلا جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چئي اٿيس، ”اڄ هل.“

”ڪيڏانهن؟“

”دور - بلڪل دور!“

هن گهور ڪري منهنجي چهري ڏانهن نهاريو. چيائين، ”هل.“

تڏهن اسين برنس گارڊن ۾ هئاسين. يڪدم ٻاهر اچي، مئڪلوڊ روڊ تان ٽئڪسي پڪڙيم ۽ شيلا کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻانهن کان ڇڪي، اندر وهاريندي ڊرائيور کي چيم، ”هل.“

ڊرائيور ٽئڪسي چالو ڪري هلندو رهيو.

شيلا منهنجي منهن ڏانهن ۽ مان هن جي اکين ڏانهن نهارڻ لڳس.

ٽئڪسي رستي تان موڙ کائي، آئميرڪن هاسٽل ۽ گورنمينٽ هائوس وارو رستو وٺي اڳتي وڌڻ لڳي. پئلس هوٽل جي سامهون ٽئڪسيءَ کي ڊرو ڪندي ڊرائيور پڇيو، ”ليڪن ڪيڏانهن بابو جي؟“

مون چرڪ ڀري ٻاهر نهاريو. چيم، ”فريئر هال.“

اصل ۾ اتان رستو لنبو هئو. ڊرائيور کي جيڪڏهن ٻهرين منزل ٻڌائي وڃي ها ته هو ٻيو رستو هلي ها. پر هو سمجهدار آدمي ٿي ڏٺو. چُپ چاپ ڪراچي جمخانا وارو رستو پڪڙي فريئر هال ڏانهن وڌيو.

هاڻ شيلا ڳالهايو. آهستي چيائين، ”ميوزم ڏسڻ جي اِڇا اٿيئي.“

”سوچيو ڪونهي.“

”ان ۾ سوچڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”جي سوچڻ جي ڳالهه نه آهي ته ٻوءِ پڇڻ جي به ڳالهه نه آهي.“

”شيڪر!“

”هون!“

”توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ بہ چئي نہ سگھيس.

”شيڪر، ٻڌاءِ لوڪي ڇا ٿي ويو آهي؟“

مان شانت.

هاڻ هوءَ بہ شانت رهي.

فريشر هال اچي ويو. هڪ نظر ٻاهر وڌي. آسمان تہ اڃا تائين اوندهہ ۾ هو. ماڻهن جو شور بند ٿي ويو ۽ ڊرائيور ڏانهن منهن ڪري چيم، ”هل.“ هن ٽيڪسي چالو ڪري پڇيو، ”ڪيڏانهن؟“

يڪدم ڪجھ بہ چئي نہ سگھيس. ٽيڪسي ٻاهر واري پارڪ کي پرڪرما ڏئي ساڳي جڳھ تي اچي بيٺي، ڊرائيور ٻيهر نهاري چيو، ”واپس هلان؟“

مونکي ڪنن ۾ ڄڻ پڇي ٿو: واپس هلان؟- ماڻهن جي جنهن شور کان مان ڀڄڻ ٿو چاهيان، هو اوڏانهن ئي ڇڪي ڇڏي ٿو- پڇي بہ ڪيئن ٿو: واپس هلان؟- واپس!؟- ڇا آهي واپس؟ اڄ اڃا وڌي آندي- اُهو ئي طوفان! ليڪن ان آنڌيءَ، ان طوفان ۾ تہ مونکي هيڏانهن آندو آهي، تڏهن مان واپس ڪيئن ٿو موٽي سگهان؟- ڪنڌ ورائي ٿو پڇي: واپس هلان؟- واپس!- ڇا مان پارڪ کي اندر ئي اندر ٻہ ڦيرا ڏئي ڇڏيان؟- ڇو آئي شيلا منهنجي جيون ۾؟- ڇو- ڇو؟- ليڪن آئي آهي تہ هنکي بہ ان طوفان جو مقابلو ڪرڻو پوندو- ان آنڌيءَ سان لڙڻو پوندو......

چيم، ”هاڻ ڪلفٽن هل.“




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ جو هلڪو پرڪاش ۽ تيز هوا .......

پنجين ۽ ڏهين ربتي جو پيد سمجهه ۾ نه آيو ئي،
ليڪن ٿلاوت ٿيڻ ئي لڳو ۽ هو به نه وٺي وڃو هئو.

ڏهين جو نوٽ وٺي، هن ڪيسي مان رپتي رپتي
وارا نوٽ ڪڍيا.

مون مطلب سمجهيو. چيم، "هاڻ رهڻ ڏي."
ڊرائيور اکيون چمڪايون.

"نه مان ٻرسان ٿو." هن چيو.

"نه، تون وڃي سگهين ٿو......."

پلا مان ان ڊرائيور کي وساري سگهان ٿو؟ ظاهري
نه هو ڪڏنائيت ڇڏي، سيٽيون وڃائيندو وڃندو رهيو،
ليڪن پورن ڀن ڪلاڪن بعد جڏهن اسين واپس
موٽياسين تڏهن هنکي ٽئڪسي ۽ جي ٻاهران، سگريٽ
پيئندو بيٺو ڏٺوسين. تڏهن هن ڪجهه به نه ڳالهايو.
چپ چاپ اچي ساڳي جڳهه تي چڙهي ويٺو - مان ڪيسي
مان ڪجهه ڪڍان، ان کان اڳ ئي هن ٻئي هٿ ملائي
چيو: هاڻ رهڻ به ڏيو - خدا شل اوهان کي سلامت
رکي .......

اڄ، نه معلوم گهڻن سالن بعد آن نوجوان جي ياد
اچي ٿي - هنجون چمڪندڙ اکيون، اها دعا ياد اچي
ٿي. تڏهن منهنجي روم روم مان اهو ئي ٿو آواز
نڪري: خدا شل تو کي، تنهنجي سموري دنيا کي
سلامت رکي ..... ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏهن ٻورا ٻه ٽڪلاڪ انتظار ڪيو.......

ٻه ڪلاڪ!......

”هاءِ هيءَ من جي لوچ! ڇو پرچي آئي هيءَ دل؟-

ٻرش جي دل!

اسين شاهي سڙڪ ٻڪڙي، ٽڪريءَ تان هيٺ لهندا، سمنڊ طرف وڌ پاسين. سامهون ڪيترائي جوڙا ڏسي، مون شيلا جي ٻانهن کي ٻڪڙي ڪابي طرف رخ رکيو. هوءَ شانت هلندي هلي- ظاهري مان به شانت هئس؛ ليڪن دل ۾ هڪ وڏو طوفان هئو. چوطرف واريءَ جا دڙا، آسمان ۾ چنڊ، تارا ۽ بادل، پاسي کان عربي وڏو سمنڊ...... مان جهڪي ويس. هوءَ به ويٺي رهي. هوءَ يڪٽڪ مون ڏانهن ئي نهاري رهي هئي. تڏهن ته هن جي نظر اهڙي ئي هئي، جڏهن مون چيو هئو: ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ لي هريل ڪو نه آهيان، ڪاليج پڙهندي به ڪڏهن ڪنهن کي ايترو نزديڪ کان نه ڏٺو اٿم......

تڏهن اکين جي سامهون ڦري ويو اهو منظر...... پنهنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکي، اکين ۾ نير ڪنيو هوءَ چئي رهي هئي:...... تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر......

ٻڪايڪ مان ليٽي پيس. ته ڇا اڄ منهنجو روپ بدلجي ويو آهي؟- ڪنهن بدليو منهنجو روپ؟- ڇو بدليو؟-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ائين نه چيو هئو: ڪنهن ٻي جڳهه تي هلڻ لاءِ
نه چئي، تون مون کي گهر هلڻ لاءِ ٿي چئي رهيو آهين،
ان مان جو تنهنجو روپ ظاهر ٿئي ٿو، اُن کي ڏسي
مان ٻُوسان سنسار جي کهڙي؟ سنسان جڳهه تي هلي
سگهان ٿي شيڪر ......

۽ مون هنکي ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهي، شهر کان دور،
واريءَ جي ڍِڙن ۾ آڻي ڦٽو ڪيو هئو ......

تڏهن ڇا اهو نيڪ نه آهي؟ ڇو منهنجي من ۾
اهو سڀ ٻرو لڳي ٿو؟ ڇو منهنجي ڇاتي اندر ٻيڙا
وڇان ڦاٽڻ تي چاهي؟— ڇو پِر جي آيون آهن هيءَ
اکيون؟— مون نه ٻرير ڪيو آهي — ٻرير ڇا پاپ آهي؟
ٻرير! — ٻرير؟...

ڇرد نه ڀ.د.ڪ جي جوالا اهڙي نه ڀڙڪي اٿي، جو
مون پاسو ورائي پنهنجو منهن واريءَ ۾ لڪائي ڇڏيو!
ٻرير پاپ نه آهي، ليڪن ڪنهن جو وشواس آزمائڻ
ڇهڙو پاپ نه آهي ڪوئي سنسار ۾؟ هوءَ چپ چاپ
هلي آئي هئي. هن بحث به نه ڪيو. مان هنجو اهو
روپ ڏسي اڃا به وڌيڪ پريشان ٿي ويو هئس. مون
پنهنجي منهن کي زور سان واريءَ ۾ ٿونسڻ چاهيو —
اڄ نه رهندو شيڪر هن سنسار ۾! ڪنهن جو وشواس
آزمائڻ جي ڪري، هنکي منهن ڏي ڪونهي جو
ڪنهن کي ڏيکاري سگهي ...... ۽ مان ڏيکاريندس به
ڪو نه ......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو ڪيڏو نه وڏو تضاد! مان ٿي نه ڪلندو
هئس اُنهن مردن تي، جي دک جو بار نه سهي ٿڪجي
پوندا آهن- اسهڙا پيڙا صرف استريءَ کي ئي نوڙبندي
آهي، مون انهن سمجهو هئو- ناريون ڪومل دل
بيهدي يون آهن ۽ مرد ڪٺور .... ٿڪي پيو اهو وشواس!....

اُهو ٿي هٿ جو ڇهاءُ ... ناريءَ جي هٿ جو ڇهاءُ!
ناريءَ جي هٿ جي ڇهاءَ ۾ ڇا ڪوئي جادو آهي؟-
هڪ پل ۾، هڪ پل کان به گهٽ عرصي ۾، ڪيڏانهن
گم ٿي ويو منهنجي آتما جو رودن؟- منهنجي
انتڪرڻ جي ويدنا؟

”شيکر!“ هڪ هلڪو جهٽڪو ڏنو.
مان اُٿي سڌو ٿي ويٺس. هن ڪابو هٿ منهنجي
منهن کي گول ڦرائي، ڏاڍي منهنجو سر پنهنجي ڪاپي
ڪلهي تي رکيو ۽ پوءِ ساڄي هٿ سان، ساڙهيءَ جو
آنچل ڇڪي، هن منهنجي منهن تان واريءَ کي هٽائڻ
جي ڪوشش ڪئي.
ڪن گهڙين لاءِ منهنجو من سسٽ ٿي ويو.
ساڙهيءَ جو آنچل ڇڏي، هن جڏهن منهنجي پيشانيءَ
تان وار هٽايا، تڏهن اوچتو هوءَ چرڻ ڇرڪي اُٿي،
”شيکر- هي ڇا؟ آنسو! تنهنجي اکين ۾؟- شيکر،
تنهنجي!“
هڪ ڪن لاءِ مان پنهنجو پاڻ کان دور ٿي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترس اچي ويئي جڻ پنهنجي ان روپ کان - ٻي گهڙيءَ، پاڻ سنڀالي ٿورو دور ٿي ويس.

"اڄ تنهنجي من ۾ ڇا آهي، اهو مان نٿي ڄاڻان، ليڪن تون اندر ئي اندر ۾ دک پيو ڏهين، اهو مان برداشت نٿي ڪري سگهان!"

مان چپ.

"ٻڌاءِ شيڪر ٻڌاءِ، تنهنجي دک جو ڪارڻ؟"

چپ.

"شيڪر!"

چپ.

"مون کان، ڇا ڪائي غلطي ٿي آهي؟"

"رهڻ ڏي شيلا- ڪجهه پڇ نه- چپ چاپ مونکي ٿڻ ڏي."

"ٿڻ ڏيان؟ توکي! شيڪر توکي؟- آخر تو مونکي ڇا سمجهو آهي؟"

لڏهن ٻاغي ٿي اٿيو منهنجو من. مون پنهنجون ٻئي ٻانهون اڳيان وڌائي زور سان هنکي قابو ڪري، زور ڏيندي چيو، "ڇا سمجهان؟"

هن هڪ لنبو ساهه کڻي ساهه کي روڪيو. هنجو ساهه کڻڻ ۽ روڪڻ ٻئي مون پنهنجي سيني سان محسوس ڪيا. هردي ۾ اٿندڙ طوفان کي روڪڻ جو هڪ اهو ئي ته سهارو آهي- هڪ لنبو ساهه ۽ ڪن گهڙين لاءِ ان لي روڪ!...... من پتر ٻڌجي ويندو آهي ان ريت؟-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڏهن اهڙو ساڻ ڪٿي هوءَ ڇا پنهنجو بڻجڻ جو سڏڪاپ ڪري ويٺي آهي؛ ليڪن ڇو؟

مون هنجي وارن ۾ پنهنجون آڱريون الجهائي، ساڳئي ئي لهجي ۾ پڇيو، ”مان ڇا تو سمجهي سگهان؟- نه تون منهنجي دک ۾ حصو وٺڻ ٿي چاهين؟- پوءِ سگهندين ڇو هيءَ هرد نه جي بيڙا- توکي نه اها ٿوڙي ڇڏيندي شيلا- ان کان بچڻ لاءِ ئي نه تو پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نه؟“

هن ساهه ڇڏيندي چيو، ”اهو تو ڪيئن سمجهو؟“

مان چپ.

”۽ پوءِ به تون ٿو نٿي مڪت نٿو ڪرين!......“.

”ليڪن شيلا اهو ڇو؟- تون ڄاڻين ٿي نه ته مان توسان پريم ڪريان ٿو؟ تون به ته ڪرين ٿي. آءُ ڄاڻان سڀ ڪڏهن ڪجهه چيو ڪونهي؛ ليڪن مون به ته ڪڏهن ڪجهه چيو ڪونهي- مان به ته شانت رهيو آهيان- ليڪن تون ئي ٻڌاءِ، سيني ۾ اُٿندڙ آنڌيءَ کي ڪٿي مان ڪيڏانهن وڃان- توکان سواءِ منهنجو آهي ئي ڪير؟- تون آهين نه وشواس آهي، ساهس آهي، لگن آهي، اُساهه آهي ......“

ڌيري ڌيري هوءَ جهڪڻ لڳي.

”ڇا ٿيو؟“ مون هنکي مڪت ڪندي، پنهنجا هٿ هنجي ٻانهن ۾ ڪپائيندي کيس سڌو جهليندي چيو.

”تون شايد ڪرشن کي نٿو ڄاڻين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرشن !......

"ڪرشن! ڪهڙو ڪرشن؟ مون نه هنکي ڪڏهن ڏٺو ڪونهي."

هن سپاٽ نموني ۾ چيو، "هو ڄاڻي ٿو ته تون مونکي نٿو ڇڏڻ چاهين ۽ هن جو مون ۾ اهڙو ئي وشواس آهي جيترو منهنجو تو ۾!"

"۽ مان توکي زندگيءَ ڀر ڇڏڻ نه چاهيان ته؟"

هن کو به جواب نه ڏنو.

"ڀلا شيلا، پوءِ؟"

هن درد ڀري آواز سان چيو، "مان شادي ڪري هلي وينديس، تنهنجي منهنجي فرينڊشپ اتي ختم نه ٿيندي شيکر!"

"ليڪن مان توکي شادي ڪرڻ ئي نه ڏيان ته؟"

هاڻ هوءَ ڪنور بڻي. چيائين، "ڇا تون ظاهر ڪرين؟- ڪايا جو موه؟ توکي منهنجو شرير کپي- ليڪن اهو پريم ڪيئن ٿيو؟ اها ته ڪامنا آهي! ان پٺيان ڪام آهي، پريم ڪٿي؟"

"ڪايا جو موه ڪونهي، ائين نٿو چوان، ليڪن جنهن کي تون پريم ڪرين، ان کي ئي شرير ڏين، اهو دستور ڪهڙو آهي؟"

تڏهن هن کليو.

"ته اڄ جي وشيه آهي: شرير ڏيڻ جو دستور؟"

"مان تنهنجي شرير کي پاڻ لاءِ هضم آهو آهيان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿين ڪونهي. ليڪن من جي ڪنهن حصي مان اهڙيءَ اڃا مونکي هٿ آندو هجي اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو؛ ليڪن ان لاءِ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ جيستائين من کي روڪڻ جو واسطو آهي، مان پاڻ ۾ اهڙو وشواس رکان ٿو، جيترو ڪرشن جو تو ۾ يا تنهنجو مون ۾ آهي — اهو ڇا هئو جنهن اسهڻ ٻيڙا جو روپ وٺي مونکي جلايو — ڪام؟"

"ڪام واسنا کي مان وڪار نٿي سمجهان، ليڪن وڪار نه سمجهندي ٻه ما.، شرير کي ڪائي بازاري چيز نٿي سمجهان. تون منهنجو شرير چاهين ٿو، مان اٿين نٿي چوان، ليڪن چاهڻ جي حالت ۾ هڪ مثر ڏانهن منهنجو فرض ڪهڙو رهندو؟"

مان کو به جواب ڏيئي نه سگهيس.

هن اُٿندي، ٻانهن کان پڪڙي مونکي به اٿاريندي چيو، "اُٿ هل."

اٿڻ تي ته مان اُٿي آيس، ليڪن مان ڇا سچ پچ اٿي سگهيو هئس؟ — مان ته ڄڻ اُن واريءَ جي دڙي ۾ ئي اندر پيهجي، گم ٿي ويو هئس. ساگر جو آواز اٿين لڳم، ڄڻ قدرت ڪنهن جي انتم سنسڪار جا منتر پڙهي رهي هئي...

دکه پري لهجي ۾ چيم، "شيلا، زوريءَ ٿالي جوڙڻ کي مان سداچار نٿو سمجهان؛ مان ڄاڻان ٿو، شرير جي پياس بجهائڻ سان ئي من کي سک نٿو ملي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ منهنجو منهن تڪيندي رهي.

اسهيءَ پيڙا وچان ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪاٻو هٿ وارن ۾ آڻي، نوٽ کي شيلا جي ڪلهي تي رکندي چيم، ”ليڪڻ هاڻ مان هن دکي دل کي ڪٺي ڪيڏانهن ويندس! سڄي سنسار ۾ توکي ڇڏي ٻيو ڪوئي نٿو چاڻي ته اڄ منهنجي جيون پستڪ جو سڀ کان سندر اڌياءُ سماپت ٿي ويو آهي- ته هاڻ هن شيکر کي ڪوئي ٻه ڪلندر نه ڏسندو!...“

ٻڪل ٿي قريب ايندي، منهنجي هٿ کي وارن مان سلجهائي هن چيو، ”اڌياءُ پيل سماپت ٿيو هجي، ليڪن پستڪ اڃا پورو نه ٿيو آهي. نراش ٿي تون سنگهرش کان منهن موڙي وڃين، مان ائين ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏيندس شيکر. تون ائين سمجهه ته ڪجهه ٿيو ئي نه هئو. دک سپاويڪ آهي. مان به جلد ان کان آزاد ٿي نه سگهندس، جو تنهنجي دک جو ڪارڻ مان آهيان؛ ليڪن اسين ٻئي زندگي ڀر Intellectual friendships قائم رکندا، جدوجهد ڪندا هلون، اهو ڇا ممڪن نه آهي؟- ممڪن آهي! نئين سپينا جو نئون تاڻو- پريم کان الڳ، ڪام کان مٿي، ڌرم کان مُڪت، هڪ انوکو سنبنڌ...“ ڪجهه رڪجي، ”ڏس شيکر، اڄ اسان جڏهن زندگيءَ جي نئين باب ۾ پرويش ڪري رهيا آهيون. تڏهن ڀل ته ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروعات چانڊنيءَ رات ۾ سمنڊ جي چڙهندڙ وير کي
ڏسڻ سان ڪريو ن."
چيم، "هل."

جيون ڀستڪ جو ٽئون باب!....
ڪهڙي ٽواڻ هئي ان ۾؟-
مون چيو، "چنڊ کي ڏسڻ سان ساگر جي سيني
۾ لوڇ ڇو ٿي پيدا ٿئي؟"
هوءَ چپ.
"منهنجي سيني ۾ به هڪ اهڙي لوڇ آهي. سمنڊ
جون لهرون چنڊ کي پڪڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن
ٿيون ۽ مان پنهنجي چنڊ کي ڇهڻ جي حالت ۾ به
تسڪين نٿو پايان ۽ ڪنهن اڻين ڇو ڇيو آهي ته ......"
"ته؟"
هڪ لنبو ساهه کڻي، آهه ڀريندي چيم،
"Dearest, pain of loving you is almost more than I can bear.
هن کلي چيو، "اهو توکي گذريل باب ۾ چوڻ
کپندو هئو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ ٻه ڄڻا ڇا ها؟“

”اهو ئي ته سمنڊ جي هن ڳهري لوچ کي ڏسي، تون پنهنجي لوچ کي سيني ۾ گم ٿيندو محسوس ڪرين ها.“

”ساگر ۾ لوچ ڏسڻ ۾ ئي ان ڪري ٿي اچي جو من ۾ لوچ آهي.“

”ساگر ۾ لوچ چنڊ جي ڪري آهي ۽ تنهنجي لوچ؟“

”تنهنجي ڪري.“

ٻئي هڪ ٿي ويا ڪليوسين.

”تو چيو: هاڻ هن شيکر کي ڪوئي به ڪلعدو ڏسي نه سگهندو.“

”سيڪو ڏسندو، جيڪڏهن تون پير پر هوندينءَ.“

”مان ته اُن وقت به تنهنجي پير ۾ هئس جڏهن تو ائين چيو.“

”تڏهن توکي ٻئي روپ ۾ ڏٺو هئم.“

”مان ته ساڳي آهيان شيکر.“

”ڪڏهن به نه بدلجين، اچ اهائي پرارٿنا آهي.“

وري به ٻئي ڪليو. چانڊني رات ۽ سمنڊ جي ڪناري تي من هلڪو ٿي ويو.

ليڪن جڏهن شيلا کي گهر ڇڏي، اڪيلو واپس وريس، تڏهن وري من کي هن ڪهڙي طوفان ورتو!؟-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بستري تي ليٽڻ سان ئي اهو طوفان زور وٺي ويو.
هن وانگ مون پهاڙن کان به ڪجهه اوچو ٿي پڪاريو:
”شيلا!“ ڏنم، چنڊ مان ڇڻ ڪنهن ٺهڪ ڏنو. غصي
۾ اچي به اوچو ٿي هڪ ڏڪ چنڊ کي ٺڪاءِ ڪيم.
هڪ زوردار چيخ ڪري چنڊ ٽڪر ٽڪر ٿي هيٺ
ڪرڻ لڳو. مون چلائي چيو: ”مان هن سموري
برهمانڊ کي ٽوڙي ڇڏيندس.“ طوفان اڃا به جاري
هئو- چنڊ جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ سان چوطرف اونداهه
ڦهلجي ويو. ته هن وري تارن مون سان مستي ڪرڻ
شروع ڪئي. ڄڻ ڪنهن تارن کان ٻالڻ جو ڪم ٿي
ورتو. تارا آيا ٿي ۽ اچي مون سان ٽڪرائجي موٽي
ٿي ويا. هڪ دفعو وري به مان پهاڙ کائي ڪريس.
جتي ڪريس، اتي صرف واري هئي- پاسي کان سمنڊ
ساڳيا انتم سنسڪار وارا منتر اچاري رهيو هئو......
سڄو ٿيو، شيکر مري ويو! هاڻ هڪ نئين شيکر جو
نرماڻ ٿيندو- نئين شيکر جو سرجڻ!....
اٿيس، قلم کنيم ۽ پنهنجي نئين نرماڻ تي هڪ
ڪويتا لکيم. سوچيم، موقعي ملڻ سان شيلا کي
ٻڌائيندس.
ٻئي ڏينهن شيلا جي گهر ويس. پيءُ ڪورٽ ڏانهن
ويو هئس.
شيلا کي ڏسڻ سان ئي دل ۾ درد جو هڪ سوسات
اڀري آيو ۽ مون کي قبول ڪرڻو پيو ته، اڃا شيکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئو ڪونهي- زنده آهي- نئين شيڪر جو نرمان صرف
هڪ ڪلپنا آهي ۽ مدهنجي هيءَ ڪوتا، اُن جو
پرد رشن ........
مون ڪيسي مان ڪوتا وارو بنو ڪيڊي. ڦاڙي
ڦٽو ڪيو.
"ڇا ٿيو؟" شيلا پڇيو.
"ڪجهه نه، صرف هڪ پنو!"
"ڪائي ڪوتا لکي- هيئه، ڪيئن؟"
"اهو ڪيئن؟"
"چوندا آهن: Poetry is creation of Pain"
مان شانت رهيس.
هن چيو، "اڄ بابا هڪ ڳالهه چئي."
"ڪهڙي؟"
"چوي پيو: ڇو ڪڙين کي سوشل ونڪيوم ۾ نه
ڦاسڻ گهرجي."
"سوشل ونڪيوم! مطلب؟"
"چوندا آهن، جتي سماج جو اثر نٿو پهچي،
اُتي ئي اهو ونڪيوم رهي ٿو."
مان چپ.
"بابا صرف اشاري ۾ چيو ته ڇو، اڄڪلهه هلچل
جي باري ۾ ڪجهه پڌائيندي نه آهين- ليڪن مان
شانت رهيس ته هن به وڌيڪ ڪجهه نه پڇيو."
يعني ته اسانجي اوسي پاسي جا سماج آهي، اُنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نيم آهن، اهو وسارڻ نه گهرجي. ڪاني ڇوڪري، اڪيلي رات جو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي رهي، ان جو سماج جي ٻين ڇوڪرين تي ڪهڙو اثر پوندو؟- ليڪن ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته جي سماج جون سموريون ڇوڪريون شيلا ٿيون بڻجي پون ته سماج خود ڪٿي ٻهندي .......

”تون ٺيڪ آهين نه؟“ هن پڇيو.

”ها، اون ڪيٽن آهين. اهو ڏسڻ لاءِ ٿي هتي آيو هئس.“

”چڱو، چانهه نه پيئندين نه؟“

”ها، ليڪن ڪجهه ڪڙڪ، ڪجهه مٺي ....“

هن مرڪي ڏنو.

اهائي رسيلي مرڪ — من کي سڪ ڏيندڙ.

شيلا جي دوستي مان برداشت ڪري نه سگهيس، اٿين ڪونهي. اسان جو ڪاريه رلڻ ملڻ تيندو رهيو. شيلا جي هميشه اهائي ڪوشش رهي هئي ته هوءَ هميشه جيان سياويڪ ٿي رهي. مون به اهائي ڪوشش ڪئي. ليڪن من جي گتي — پيچيدگي ڪير ٿو ڄاڻي ....... اوچتو من اداس ٿي ويندو هئو — مونکي اداس ڏسي شيلا مرڪي ڏيندي هئي؛ مان من کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح طرح جون سمجهاڻيون ڏيئي وس ۾ ڪري وٺندو هئس.

اُن ڏينهن صدر ۾ تيل هڪ ميٽنگ ٽان ٿي، ٻرنس گارڊن جو ٻنيون رستو پڪڙي موٽي رهيا هئاسين. ٻنڌ هاڻ جي اِچا هن ٿي ڏيکاري هئي.

هوءَ سماج تي ڳالهائيندي ٿي آئي، ”اسان جي سماج ۾ ائين ٿي ٿئي ٿو: پهرين شادي ۽ پوءِ پيار. شاديءَ کان اڳ جيڪڏهن ڇوڪري ڇوڪريءَ جي گڏجاڻي ٿي وڃي ٿي ته اُن کي پريم ٿي سمجهو وڃي ٿو. پهرين گڏجاڻي، پريم جو روپ وٺي سگهي ٿي، ديس ۾ به ته پرديس ۾ به، ليڪن روپ وٺڻ ۽ روپ ڏيڻ ۾ تفاوت آهي. اسين سماج ۾ هلون ٿا، سيڪڙو ماڻهن سان گڏجون ٿا ۽ اُن ريت پاڻ کي نڀاڳي وڃون ٿا؛ ليڪن جو شخص اهڙا سماج ۾ چريو پريو ڪونهي، اهڙا تازو ئي سماج ۾ آيو آهي، هو ڇا يڪدم پاڻ کي نڀاڳي سگهندو؟– سامهون جيڪڏهن ڪو آدرش هوندو ئي ڪونه، ته سماج ۾ Move ڪري سگهبو به ڪيئن؟ سيڪڙو نوجوان منهنجي سامهون آيا آهن، هڪ هڪ جي سڀاءَ کي مان جيڪڏهن پريم ڇوان ته ماڻ پاڻ کي بهار ۾ ڏس ڪٿي؟ تنهن ڪري ڪنهن گڏجاڻيءَ کي، گڏجاڻيءَ ۾ مسڪرايل مسڪراهٽ کي پريم جو رنگ ڏيڻ ئي اجايو آهي– اسين سماج ۾ پريمي ڳولهڻ لاءِ پنهنجا نڪرون نڪرون ٿا سماجي زندگي جنڊ.

ان سماجڪ ڪيتر ۾ استري ۽ پرش جو سنبنڌ سهڪار
وند ۽ ڏيڻ تائين رهڻ ٿي گهرجي. آدرش ته اهو ٿي
آهي. ليڪن حقيقت ڇا آهي؟ نه آفيسن ۾ ميل جول
آهي ۽ نه ڪاليجن ۾. ڇوڪرا ڇوڪرين گڏ پڙهن ۽
نوڪريون وغيره نه ڪن ٿا، مگر اڪثر ڳالهائين
ڪو نه ۽ جڏهن ڳالهائين، تڏهن ان اچ ڳالهه ڪي وڌائي،
پريم جو رنگ ڏيو ڇڏين!"

مون به نه چڻ ائين ٿي ڪيو هئو......

"ليڪن پريم ڇا اهڙي سستي چيز آهي؟ اهو
هڪ سر پشت ڀاو آهي- جنهن ۾ ونڊ جو نه، ڏيڻ جو
احساس رهي ٿو- هڪ اهو ساڌن، جو انسان کي اچ
ڪان وشال طرف وڃڻ جي راه ڏيکاري ٿو. جو توڙي
نٿو، بڻائي ٿو. شڪتي ۽ وشواس ڏئي ٿو-"

مان چپ.

"تو ... پ چپ آهين؟"

"مان ... جي پهرين ڳالهه تي سوچي رهيو آهيان."

"آن ... سان واسطو؟- نه مان ڀاونا جي پرواه
۾ لڙهي ... آهيان ۽ نه تون منهنجو پريم نه پائي،
رواجي ... جيان Anti women تي ويو آهين."

منهن ... پنهنجي جڳهه تان ڏڏي ويو. پلا مان
ڇا استر ... خلاف تي سگهيس ٿي؟ ناريءَ جو
هڪ رو ... هون هئو ۽ هڪ گهر ۾ بنهي موڪي
ٿهان بنا ... تي ٿي نه ڪوشش ڪئي هئي....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهان!........

ليڪن شيڪر ڇا مهان ٿي سگهي ٿو؟-

جيمر، ”رهڻ ڏي شيلا- مان هڪ وچتر الجهن ۾ گرفتار آهيان. هڪ شيڪر آهي، جو توهان جي سامهون آهي ۽ هڪ ٻيو شيڪر آهي جو منهنجي دماغ ۾ آهي- جو شيڪر منهنجي دماغ ۾ آهي، اهو ئي مهان آهي- مان اهو ئي تيڻ چاهيان ٿو. ليڪن جنهن شيڪر سان تون ڳالهائي رهي آهين، اهو هڪ رواجي انسان آهي- تو کي غلط نٿو سمجهان، ليڪن تون مونکي غلط سمجهون ٿي، ڇو ته مان هڪ نه، ٻه آهيان- هڪ اهو آهيان، جو آهيان، ٻيو اهو آهيان، جو هوندو ڪن گهڙين لاءِ آهي، ليڪن رهڻ ڇو ته ڪلاڪ چاهيندو آهي.“

”توهانجو مطلب؟“

”مطلب اهو نه آهي ته توهانجي سامهون وارو شيڪر Anti-Women آهي، ليڪن هن سنسان سڙڪ تي جو شيڪر ڪمزور ٿي سگهي ٿو، اهو مهان ته ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي.“

هن هلندي ٿي پڇيو، ”ڪڏهن ڇا توهانجي من ۾ اهائي الجهن هلي رهي آهي ته تون هن سنسان رستي تي جنهن استري سان گڏ هلي رهيو آهين اُن کي متر سمجهين يا پريتما؟“

يڪايڪ مان روڪجي ويس. هوءَ به روڪجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺي. سڙڪ تي روشني نه هئي، ليڪن مٿان
وڏو وڻ هئڻ ڪري، اهو اڪرو اونداهو هئو.
”شيلا، هڪ سوال پڇان؟“
”پڇ!“
”ڪرشن ڪان اڳ جيڪڏهن مان تنهنجي زندگيءَ
۾ اچان ها ته؟“
هن ڪلاڪ جي ڪوشش ڪئي، مگر ناڪام رهي.
ليڪن هنجي ان ڪوشش مان اهو ظاهر ته ٻنهي نه هئو
ته پيا سوال اجايو هئو، پا پاڻهي اڳيان اسان جو ڪهڙو
وس ........
هن نزديڪ ايندي چيو، ”ڪرشن ڪان اڳ گهڻن
ڪوشش ڪئي هئي شيکر!“
دل کي جڻ ڪنهن چيري ڇڏيو.
”مان توکي پيت ڪرڻ لاءِ نٿو چوان.“
پيت ۾ مان توکي گهٽ سمجهان به نٿي.“
”شيلا!“ خوشيءَ وچان مون دليل رڙ ڪئي.
”مون تي وشواس ڪر شيکر.“
”ان هوندي به تون مون کان ايترو دور ڇو
آهين؟“
”مان ته تنهنجي نزديڪ آهيان شيکر.“
”ترو اچا به نزديڪ اچ نه.“
هوءَ اچا به نزديڪ آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لهھجو ڪرشن کھڙو- ٿولي ذرو ٻه ٻڌن
نٽو رکي.“

”جتي وشواس هوندو آهي، اتي ٻڌن جي
ضرورت نه رهندي آهي. ٻڌن ۾ جڪڙجڻ انساني
سڀاءَ آهي، ميان ٽي. ان ڪري سپاوڪ طور چاهيو
ويندو آهي ته ڪوئي اچي دل جي سنگهاسن تي
وهي ۽ راڄ ڪري. ليڪن ان ٻڌن کان متي ڇا
ڪجهه نه آهي؟“

”آزادي آهي.“ مون چيو، ”ليڪن وقت ۽
آستان جو خيال ٻه ڪجهه ٿيندو آهي يا نه....“

”ليڪن هڪ متر سان گڏ هئڻ ۾ هرج کھڙو
آهي؟“

”متر جيڪڏهن ڪمزور ٿي وڃي ته؟“

”انجي معنيٰ اها ته ٽي ڪون. ته سامهون وارو
شخص ٻه ڪمزور ٿي ويندو.“

”۽ جي اهو ٻه ٿي وڃي ته؟“

”ته ٻڌ“ هن بلڪل گنڀير ٿي چيو، ”مان هن
مسئلي کي هن روپ ۾ ڪٽان ٿي: ٽي شخص آهن.
پتي، پتني ۽ متر. جيڪڏهن پتنيءَ جو پتيءَ سان
پيار آهي ته اهو پيار هنکي ڪڏهن ٻه ڪمزور ٿيڻ نه
ڏيندو ۽ جي نه آهي ته پوءِ پتنيءَ جي ڪمزور ٿيڻ
جو پتيءَ جي وشواس اوشواس سان ڪو واسطو ڪونهي-
۽ ٻڌ، مان ڪرشن سان پريم ڪريان ٿي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون طنزي نوع ۾ چيو، ”انهو مطلب اهو ٿيو ته
پتيءَ جي وشواس جو ڪارڻ آهي پتنيءَ جو پيار- يعني
پتيءَ جو وشواس پنهنجي ليکي ڪا ستنتر چيز نه آهي؟“

يڪدم هوءَ ڪو به جواب ڏئي نه سگهي. مان
مسڪرائڻ لڳس.

ٻي گهڙيءَ چيم، ”هاڻ هل.“

ليڪن هوءَ پٿر بڻي بيٺي رهي.

مان به روڪجي پيس.

ڪن گهڙين جي مختصر خاموشيءَ بعد هن چيو،
”پريم نه هئڻ جي ڪري وشواس جو سوال اٿندو ئي
ڪٿي آهي. پريم آهي ته وشواس آهي. پتيءَ جو
وشواس ئي پتنيءَ کي ڪمزور ٿيڻ کان روڪيندو.“

هنجي نقط نظر ۾ هاڻ مونکي تضاد نظر آيو. چيم،
”پهريان تو چيو ته پتنيءَ جو جيڪڏهن پتيءَ سان پيار
آهي ته اهو پيار هنکي ڪمزور ٿيڻ کان روڪيندو.
هاڻ چئين ٿي ته پتيءَ جو وشواس ئي هنکي ڪمزور
ٿيڻ کان روڪيندو. يعني ضروري ڪونهي ته هوءَ
پتيءَ سان پيار ڪندي هجي- پر هوءَ جيڪڏهن پيار
نٿي ڪري ته اهو به تون ئي ٿي چوين نه ته پوءِ هنجي
ڪمزور ٿيڻ جو پتيءَ جي وشواس اوشواس سان ڪو
واسطو ڪونهي- ڇا مطلب؟“

هوءَ اوڪ ٻڌي منهنجو منهن تڪيندي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري به مون ني چالهايو، " ان مان اهو به نه ثابت ٿيو ڪو نه نه وشواس هڪ سنتتر چيز آهي."

هن منهنجي ٻنهي هٿن کي پڪڙي، انهن کي ملائي زور ڏيندي چيو، " ٻڌ شيکر، آدرش هميشه مٿي چڪيندو آهي ۽ انسان سياءُ موجب هميشه اوچو رهڻ چاهيندو آهي، اها هڪ حقيقت آهي ۽ جو ان حقيقت کي مڃي ٿو، انجو وشواس سنتتر رهي ٿو."

هڪ نئين ڳالهه ......

" يعني ؟"

" يعني نه جتي ڪمزور ٿيڻ جو سوال آهي، اتي جيون جو ڪوئي آدرش ۽ پنهنجو سياءُ خود ان ڪمزوريءَ کان مڪت ڪرڻ جو سهارو ڏيندو آهي-
اسين پوءِ اچا به پختو ٿيڻ لاءِ ڪارڻ ڳولهيندا آهيون.
مان ڇا فلاڻي جو وشواس ٽوڙي ڇڏيان ؟ يا، ليڪن منهنجو نه هن سان پريم آهي، ٻنهي جهڳڙي جو ڇا مطلب ؟"

" ڇگو ان کي رهڻ ڏي- هڪ ٻيو سوال ڪريان."

" هل نه سامهون نالي جي ٽلهي تي وهون."

اسين اوندهه جي گهيري کان نڪري اچي ٽلهي تي وينا سين.

" جنهن سان پريم ڪجي، ان سان ئي شادي ڪرڻ ضروري ڇو آهي ؟ شريرجو واسطو جيڪڏهن ڪام سان آهي، نه پوءِ انکي پريم سان ڇو ڳنڍيو ويو آهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان نٿي ڄاڻان."

"نه پوءِ هيئن ڪر، تون پريم ڪرشن سان ڪر، ليڪن شادي مون سان!"

تڏهن فضا ۾ گونجي اٿي اتائي هن جي مڌر رسيلي کل!

"نه توکي شرير کپي؟"

"مونکي تون کپين."

"ڪهڙي روپ ۾؟"

"روپ لي مان سوچڻ نه ٿو چاهيان - مونکي تون کپين - تون! سڄي - سموري!"

يڪايڪ هنکي ڇا ٿي ويو؟ - هيمنٽ ڏي ته هن کليو هئو، پوءِ اوچتو هن جو چهرو اداس، پريشان ڇو ٿي ويو؟

مان به پريشان ٿي، ٿلهي تان هيمنٽ لهي چوڻ لڳس، "سچ پڇ مان تنهنجي سنيه جي لائق نه آهيان شيلا - اڪثر مان توکي پريشان ڪندو ٿو رهان ۽ اهو نٿو سوچان ته ٻاڻ کي ڪيترو نه نندو ٿو بڻايان. هڪ انوکو وشواس کڻي تون منهنجي جيون ۾ آئي آهين، مان ڇا اهو وشواس ٽوڙي سگهان ٿو؟ - تون نه ڄاڻين ٿي ته منهنجو من ڪيترو نه چنچل، ڪيترو نه جذباتي وهيڻو آهي. جذبات ۾ اچي نه معلوم ڇا جو ڇا چئي ويندو آهيان - تون آهين جو تڏهن به مون تي وشواس ڪندي هلين ٿي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهان؟- ۽ اڄ مونکي پنهنجائپ لفظ ياد اچن ٿا ته زوريءَ ناتو جوڙڻ سداچار نه آهي. ته صرف شريرجي پياس بجهائڻ سان ئي من کي سک نٿو ملي- ليڪن تون اڃا به روئي ڇو رهي آهين؟"

مون هن جا آنسو اگهندي چيو، "منهنجو دک ڏسي ئي روئين نه!- ليڪن پوءِ هاڻ دکي نه ڪر شيلا- هاڻ شيڪر صرف مترتي رهندو- ڪاما به صرف اها ئي آهي ته جيون ۾ جيڪڏهن ڪير اچي به، ته اُها هجي لو جهڙي سرل وشواس ئي."

تڏهن شاردا آئي منهنجي جيون ۾. ليڪن شاردا اڳيان وشواس جي ڪا معني ئي نه هئي. هن جڻ ائين ٿي سمجهو ته وشواس نالي واري چيز صرف ڪتابن ۾ ئي لکڻ جي آهي. تڏهن مون هنکي اڃا اهو نه ٻڌايو هئو ته منهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ٿي آيو هئو- جنهن منهنجي سموري جيون ۾، وشواس جي ديپڪ سان، هڪ انوکو پرڪاش ڦهلايو هئو. ليڪن شاردا کي پائڻ لاءِ مونکي ڇا ڪائي ساڌنا، ڪائي تپسيا نه ڪرڻي پيئي هئي؟- پر ماڻ اها ساڌنا، تپسيا ڪريان ٿي ڇو ها جيڪڏهن مونکي هن ۾ شيلا جهڙي شخصيت نظر نه اچي ها ......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيلا! ......

مونکي اڄ به شيلا جي مترتا تي ناز آهي. تڏهن به هئم. ليڪن منهنجي اندر جي شيکر پريم ڪيو هئو ته اهو ڪندو ٿي رهيو. ڪنهن سان؟ شيلا ته صرف متر هئي ...... تڏهن ڪير هئو، جنهن کي مون پريم ڪيو ٿي؟—

پريم!......

دل جي ڪهڙي نه ادڀت ڪيفيت ...... شيلا سان گڏجڻ ته ٿيندو رهيو، ليڪن ڪرشنو، جنهن سان مان گڏجي نٿي سگهيس.

تڏهن ملڪ ۾ هڪ زبردست سياسي آنڌي آئي، ان آنڌيءَ جو سهارو ورتي، آزاديءَ جي ديوي، چپن تي ورهاڱي جو درد ڀريو هڪ گيت کڻي آئي.

نماز تان لهندي شيلا چيو، "هاڻ هندستان آزاد ٿي ويو آهي، سنڌ ۾ ته هاڻ رهي نه سگهبو، يا چاهي رهي سگهجي به، پر جيئڻ پيا نٿا چاهين تيئن بابا به ......"

تڏهن مان چپ هئس.

"مونکي وساري ته نه وهندين؟"

"نه، تون ڇا ائين ٿي سمجهين ته هاڻ وري ڪڏهن به ملي نه سگهبو؟ تون ڇا خط نه لکندينءَ؟ بدا ٿيڻي جي به، مان ڇا توکي ڳولهي نه سگهندس؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ليڪن نہ معلوم ڇو مان اڃين وسهي رهي اهيان نہ هاڻ اسين ڪڏهن بہ ملي نہ سگهنداسين!“

ان ”نہ معلوم ڇو“ ۽ ”نہ معلوم ڇو مونکي، تڙ پائي ڇڏيو.

پر هن ٺيڪ چيو هئو. هوءَ هلي ويئي، ليڪن هن خط نہ لکيو. يا شايد لکيو هجي بہ. ڪجهہ ڏينهن بعد اسان آزاد پرديس جي پرواز و گهر ڇڏي، وڃن لاءِ تي وڃي نئون گهر وسايو. اٿين آهي نہ مان هر روز پنهنجي پراڻي مڪان ۾ آئل نون مسواڙين وٽ خط پڇڻ ويندو هئس. ليڪن جواب؟...... پهرين ”نہ“ ۽ ”عجب“ ۽ پوءِ ”ها“. ۽ ٺهڪ!......

گهڙي ۾ گهڙو ڪلندي هئي اُن گهر ۾ رهندڙ هڪ نوجوان ڇوڪري .... ۽ جنهن ڏينهن هن مون سان هڪ چرچو بہ ڪري ڇڏيو، تنهن ڏينهن بعد مان وري اوڏانهن نہ ويس.

چيائين، ”لوڪي ڪير خط لکندو بہ ڇو؟ جي اهميت نہ ڏيندا آهن اُهي خط لکندا آهن ڇا؟...... تنهنجو انتظار ڪڙو!......“

منهنجو منهن لهي ويو.

ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”ليڪن مان تنهنجا خط پڙهندي آهيان. سچ پچ لوڪي هوءَ بيحد چاهي تي......“

نالو هئس نرگس - ماڻهس ڪيس اهڙي ئي نالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٻڪارو هئو. تڏهن نٿي چاهيم ته هو سان منهنجي دوستي ٿي وڌندي. اڄ هوءَ سنڌ جي هڪ نوجوان ليکڪ جي پتني آهي، اسان ٻنهي جي وچ ۾ خط وڪتابت اڃا چالو آهي.

پر جيترا ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هئس، هن سان وري ڪڏهن نه مليس. شيلا مونکي وساري ڇڏيو آهي، تڏهن ته خط نٿي لکي، پوءِ مان هتي وڃان ٿي ڇو؟ اهو سوچي مون نرگس وٽ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

مون شيلا جي ڳولها ڪئي؟ نه نه...... نه ڪئي. مون ڳولها نه ڪئي. مان ڪري به نه سگهيس. منهنجي من جي پيڙا مونکي سست بڻائي، اندر ۾، دل جي ڪنهن نازڪ حصي ۾ آگ لڳائي ڏني......

منهنجون ڪوتائون بره جون هيون، پر پير ڪنهن سان هئم، سو ته مون ڄاتو نٿي. شيلا ته صرف هڪ مثر جي روپ ۾، ذهن ۾، سمرتيءَ جي واهه تان مسڪرائيندي، وک کڻندي نظر ايندي هئي: تڏهن منهنجي پريتما ڪير؟

بمبئيءَ آيس. پهرين ڏينهن ۾ شاهي سڙڪ تان لنگهندڙ هر ٽرام، موٽر، بس ۾ وينلن کي گهوري ڏسندو هئس، ليڪن شيلا نظر نه ايندي هئي. تڏهن من بغاوت ڪئي- من بره جي ڪوتائن سان پاڻ جلائڻ لاءِ تيار نه هئو- ٽٽي وڃو موهه، پنهنجي خون سان لکيل ڪوتائن مان- ليڪن، لکڻ جي عادت

جو ٿي، هڪ طرف ڪرهنائن مان موهه. ٻئي طرف
بنا ترتيب جي به شاعري ڪرڻ لڳس. نتيجو؟ - ڪريتا
جڳت ۾ هڪ طرف ناڪامي پلئه پيئي ۽ ٻئي طرف مان
نڌاد بڻجي ويس.

شيلا جي ياد اچڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندو
هو ڪرشن.

اسان ٻنهي جي واقفيت ڪراچي بندر تي ٿي هئي.
جهاز چڙهڻ ۾ ڪا خاص دير نه هئي.

ڏنم، هي اهو ئي شخص هئو، جنهن کي ڪاڏي
جي ويس ۾، شيلا جي گهر مان نڪرندو ڏٺو هئم - جو
جڏهن هند ڇڏي، ڏاکڻ تان هيٺ لهي ويو هئو.

شيلا کي پيءُ سڏ ڪيو ته هن چيو، ”مان سڀ
چاهيان ٿو.“

مان چپ.

”مون شيلا کي هميشه اهو ئي چيو آهي ته جو
شخص، پنهنجي ليکي، پنهنجو پلو پرو سوچڻ جي
قابل آهي، اُن اڳيان پرپوڌ يا آڳيا جي ضرورت نه
رهندي آهي. اُن کي اسين صرف راءِ جي صورت
۾ صلاح ڏيئي سگهون ٿا ۽ مون نه شيلا کي اهو به چيو
ته تو وٽ اچڻ سان جيڪڏهن توکي ۽ هن، ٻنهي کي
سک ملي ته مان خوش ٿي ٿيڻ وارو شخص آهيان —
اڄ تون نهايت پريشان نظر اچي رهيو آهين. منهنجي
وس ۾ ته ڪجهه آهي ڪونه، نه ته مان تنهنجي خوشيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ نہ معلوم ڇا جو ڇا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃان۔ لڏهن ٻہ هن سنڌيا جي وقت، پاسي واري سمنڊ ۾ اسٽ ٿيل سورج اڳيان مستڪ جهڪائي اهائي پرارٿنا ٿو ڪريان تہ ڪاش! منهنجي جيون جي سڃڻي پڄڻ جو قل توکي ٿي ملي.”

”انهيءَ ان پرارٿنا کي ٻڌي، ٿمان تنهنجي احسان جي بار وچان جهڪي نهايت ننڍو ٿو بڻجي وڃان۔ مونکي ان ارجي ڪان مڪت رک. دوست ۽ قل جي ڳالهہ نہ ڪر...... توکي شيلا ملي آهي ۽ توکي۔ پلا ان کان وڌيڪ ٻئي قل جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي.”

”ليڪن جيون جو دائرو نهايت وشال آهي دوست۔ ۽ تون سنگهرشوادي تہ آهين ئي۔ آشاواد جو آنچل ڇڏڻ تہ تنهنجي سڀاءُ جي خلاف آهي...... آخر تہ ڪوئي ايندءِ جيون ۾.......”

مون مشڪي ڏنو۔ ها، هاڻ آشاواد جو آنچل سنڀالي ٿي جيون ۾ سنگهرش ڪبو...... آخر تہ ڪوئي ايندو جيون ۾.......

سنگهرش ۽ آشاواد......

سياست کي ڇڏي هاڻ مون ساهتڪ سرگرمين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرو ونڊ شروع ڪيو. ليڪن شاعر ٻڌجي نه، نقاد ٻڌجي ... ....

هڪ دفعي، ليڪن جيئن ڪلاس ۾ هڪ بحث هليو. ڪنهن چيو: سنڌي ساهت ۾ هڪ به ليکڪ Intellectual استريءَ جو ڪردار پيش ڪري نه سگهيو آهي. مون چيو: توهانجو مطلب شايد اهو آهي ته سنڌي ليکڪن کي پنهنجي ذاتي يا اوسي پاسي جي زندگيءَ ۾ ڪا به پڙهيل استري نظر نه آئي آهي، جو ته سنڌي ساهت ۾ اڃا آدرشواد کان وڌيڪ يٿارٿواد جو پول بالا آهي ۽ اِن هوندي به ......

ڪنهن مهاشيه چيو: مان سموري سنڌي ساهت کان واقف آهيان، اها ڳالهه صحيح آهي ته ڪو به سنڌي ليکڪ پڙهيل استريءَ جو ڪردار پيش ڪري نه سگهيو آهي ....... پر هونءَ به اسان جي سماج ۾ پڙهيل استريون آهن ئي ڪٿي؟.......

تڏهن سيني ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. چوڌار وارو اهو چٽي، سمجهي چپ ٿي ويو ته ڪلپنا جو سهارو وٺي، ساهت جي اها کوٽ پوري ڪري سگهجي ٿي.

کوٽ آهي، سيني قبوليو!

تڏهن رکي رکي منهنجي من ۾ شيلا جو نالو ٿي آيو - مورک ليکڪ! چوي ٿو ته اسان جي سماج ۾ پڙهيل استريون آهن ئي ڪٿي؟ - اها به ڳالهه آهي ته ليکڪ روئي ٿو عشق جي وشيه جي چڪر ۾ ايترو ته ڦاٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن جو اهڙي ڪردار جو نرماڻ ڪرڻ ڏانهن هنن جو
ڌيان ئي نه ويو آهي. ڌيان نه ڏيڻ اکيون پورڻ
سمان آهي - پوءِ اکيون پوري اهڙي پڌرائي ڪيڻ
جو مطلب ؟......

منهنجي ننڍين ليکڪ دوست گوتم منهنجي ڪلهي
تي هٿ رکي آهستي چيو، ”اڄ تائين صرف شاردا
جي ٻڌيءَ تي ئي ڳالهائيندو رهيو آهيان. سڀاڻ کان
پوءِ به تو جيان نشاد آهي. ليڪن اڄ مان تنهنجي
هن سان ٻه ٻچيه ڪرايان، منهنجي من ۾ اها ئي ڳالهه
آهي. ٻه هڪ ڳالهه اڄ تي تو چئي ڇڏيان ته پوءِ
مون جيان ٻاجهوادي نه آهي.“

شاردا سان ٻه ٻچيه! زندگيءَ جو هڪ نئون موڙ...
نئين موڙ جو ٻهرين پل......
پل، جو بجلي ٻچي سر تي ڪريو. جو دل سان
ٽڪرجي، پيرن مان نڪري زمين کي ڌوڏڻ لڳو.
اها ڌرتي ئي ڌڏي هئي، جڏهن دروازو کليو؟
ڪنهن مونکي ڏسي، هڪ منو، ڪوهتا پير ٻه هلڪو
چرڪ پيو. منهنجي نظر ته ڌڪجي منهن ۾ - اکين
۾ جمي پهي رهي. اهو ڇا جادو هئو؟ هڪ پل ۾
زلزلو ٿي ويو! آن هڪ پل جي اندر ئي مان هنکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀاڻي وس نہ جنهن منهنجي دهلي ياترا ۾ پيڙا ۽ سڪ پيدا ڪئي هئي، هوءِ اهائي هئي.

تڏهن پنهنجي ۾ نوڪري هئي ۽ هڪ دفعي پنهنجي جي ڪنهن ڪم سان منهنجو دهليءَ وڃڻ ٿيو هئو. گاڏيءَ مان نظر ٻاهر ڪئي هئم: ٻنيان رهجي ويل کيتين پارئان، ڪڪڙ جي سنگن تي پنهنجي نظر جي حسن جو رنگ چڙهائي مان اڳيان وڌندو ٿي ويس، تڏهن نظر پاسي واري گاڏي جي ڪڙڪيءَ ٻاهران - گاڏي، جو ليڊيز هئو ۽ ڪڙڪي، جنهن مان هوءِ مون ڏانهن نهاري رهي هئي - جمي پئي رهي. ليڪن يڪايڪ منهنجي نهار جو هنجي نظر سان ٽڪر لڳي ويو ۽ اِن گهڙيءَ مون هڪ شاڪ سان گڏ هڪ شڪست به قبول ڪري ڇڏي ته هنجي اکين مان ڪجهه زياده ئي سندر تا جو انوکو پرڪاش چوطرف پکڙجي رهيو هئو- جو جڻ چاندنيءَ جيان سيتل هئو، منهنجي پرڪاش جي تابش هنجي اکين ۾ بنهه ڪانه هئي. يا شايد منهنجي نظر جو پرڪاش پائي ئي هوءِ چند سمان بڻجي ويئي هئي ...... تڏهن مونکي هن ۽ پاڻ ۾ ڪوئي سنبنڌ نظر آيو .......

نہ معلوم ڪيترو وقت اهو نظر نظر جو جوڙ قائم رهيو.

ڪنهن چيو: تاج محل!

مون سوچيو هئو، گاڏيءَ مان ئي تاج محل ڏسندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندس. تاج - محل اچي ويو، اهو ٻڌي مون نظر سامهون ڪئي. تاج محل نظر نه آيو. مون نظر کي تيز ڪيو، ليڪن مونکي نه جت ڪٿ اهي ئي ٻه چمڪندڙ اکيون، چند رمک نظر آيو. ٽڏهن مون اُن ٻن اکين ۾ چند رمک جي ساڪيات ڏسڻ لاءِ پويان نهاريو.......

هوءَ نظر آئي به ۽ نه به آئي.......

هوءَ نظر آئي، ليڪن هن جو چهرو ڌنڌلو هيو. هن جي اکين ۾ تارن جي هلڪي روشنيءَ جهڙي چمڪ هئي. ۽ نه آئي!... ڇو ته هئي ڪان...... اهو ته هڪ چتر هو، جو منهنجي ذهن جي پردي تي چمڪيو بيٺو هيو ۽ جو منهنجي اکين معرفت فضا جي هڪ هڪ چيز ۾.......

ٽڏهن دل ۾ هڪ انوکو احساس محسوس ڪيم. هڪ اها راحت، جنهن ۾ دل جي تڙپ جو به ڪجهه حصو هيو......

وري اُها صورت نظر نه آئي.

سندر، اسندر، ڪنهن به استريءَ ڏانهن نهارڻ جو مان عادي نه هيس. پوءِ به مون چور نگاهن سان نيو دهلي اسٽيشن تي بينل هڪ هڪ استريءَ ڏانهن گهور ڪري نهاريو، ليڪن.......

ليڪن سڪ گهٽيو، پيڙا وڌي ائين نه هيو. جيئن ٻاترا ڪندي، سڀر ۾ ڪڏهن ڪي اهڙيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر نه پوندي آهي ته اهو ڇا آهي، ڪيئن آهي ۽ ڇو آهي ......

پر هوءَ نه وري ملي هئي. مون وري هڪڙي پاڻو هئو. لڏهن نه ان ملڻ ماڻ هڪ کهاڻيءَ جا عناصر پيدا ٿيا ........

هن هلڪو مرڪيو ۽ اهو سڀ هڪ پل جي اندر....

پنيان بيٺل گوتم- گوتم جنهن کي اسانجي ملڻ جو اهو پهريون پل شايد هڪ يگ نه لڳو- آهستي چيو، ”نه اها اتيٺي مهنجي پيڻ.“

”شاردا ....“ مون به آهستي چيو.

”۽ هي آهي آلوڪ شيکر ...... ليڪن جي اکين ۾ اوجاڳو پر پندڙ شيکر.“

مون هنجو نمسڪار پاتو. موٽ ۾ نمسڪار ڪيم ته ۽ وري گوتم ڏانهن نهاري چيم، ”ليڪن تون نه آلوڪ کي ليڪ ۽ پانڪ جي وچ ۾ هڪ هتراد و د يوار سمجهندو آهين.“

هن هٿ کان پڪڙي، ڪرسيءَ جي نزديڪ آڻيندي چيو، ”لڏهن نه چيم، ليڪن جي اکين ۾ اوجاڳو پر پندڙ ....“

”توهين آلوڪ آهيو؟“ شاردا پڇيو.

مون مسڪرايو.

”پهرين ڪوي هئا يا ليڪ؟“

”ڪوي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن گوتم ڏانهن نهاري، زور سان هڪ ٽهڪ ڏنو. ۽ مون ٻاجهه کي ڪرسيءَ تي ڪٽي ڇڏيو.

مون سمجهيو هئو، هنجون اکيون چمڪنديون، چپ جو ٻاٽرا سمي جڏهن نهار سان، مون سندس نظر کي پنهنجي چهري ۾ ڪپائي رکيو هئو، اُها نهار هڪ ڪويءَ جي ٽي ٽي سگهي ٿي، اهو هاڃ هنکي دل سان لڳي آيو هوندو. هنجون اکيون ته ڪجهه ڪجهه هاڃ ۾ چمڪيون، ليڪن هن ٽهڪ ڏنو هئو — ٽهڪ ڏيئي هن جڃ ڪن اُنهن جزوي ماڻهن جي ان پڌرائيءَ جي پنيرائي تي ڪئي، جن لاءِ آلوچڪ هڪ ناڪامياب اديب آهي. يعني: جو ساهت ۾ ڪامياب نٿو وڃي، اُهو ئي نقاد ٿي سگهي ٿو!...

تڏهن ئي ته مون ٻاجهه کي ڪرسيءَ تي ڪٽي ڇڏيو.

اها ٻي ڳالهه آهي ته مان خود اُنهن جزوي ماڻهن جي پنيرائي ڪندڙن مان نه آهيان؛ پوءِ ٻه مان ناڪامياب ساهتڪار هئس، ان ڪان ته مان ٻه انڪاري نه آهيان. پر مان وشواس رکان ٿو ته آلوچنا ڪنهن نقل جو ناالو نه آهي. اُن ۾ ٻه آلوچڪ کي رچنائمڪ ساڌنا ڪرڻي پوي ٿي......

گوتم پاسي واري ڪرسيءَ لي وهندي چيو، ”شاردا، چانهه ته ناهي وٺ.“

”چانهه يا ڪافي؟“ شاردا پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چانهه.“ مون چيو، ”ليڪن ڪجهه ڪڙڪ، ڪجهه مٺي ....“

”ڪڙڪ به ۽ مٺي به!...“ شاردا چيو، ”ڪنهن ٽوهان جي آلوچا به ڪڙڪ ۽ مٺي نه نه ٿيندي آهي؟“

پهرين ته مون ڪليو. پر مون ان ڪل ڪي هنجي سوال جو جواب نه سمجهو. ڪلندي ٿي سوچڻ لڳس ته ڪهڙو جواب ڏيان .......

ته منهنجي زندگي ٿي خود هڪ ڪڙڪ مٺي چيز آهي؟

يا ......

مان خود ڪڙڪ ۽ م ......

ڇي ڇي ...... اهو به ڪو سونهين؟....

”تو ته آلوچڪ ٿي به آلوچا شروع ڪري ڇڏي“ گوتم چيو.

شاردا ڪلندي، ٻئي ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

مان هڪو ڪرو ٿي، پير لوڏيندي پت تي لڏگيل گرديو ٽڳو ر جي تصوير ڏانهن نهارڻ لڳس ۽ جنهن ليڪ گرديو جي ڇهري ڪي چمڪايو ٿي ۽ اُن ڪي نهار رستي، پنهنجي سمهيل ڇهري مٿان آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. شاردا ڪلندي ويئي هئي - تڏهن ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪا ڪا شيلا، ساڙهيءَ جو آنچل وات ۾ وجهي، ڊيل ٿهڪ ڏيندي پنهنجي گهر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنڊڪ ڏانهن وڌندي نظر آئي - اُن وقت هن جي ٻيءَ مونکي انگريزيءَ ۾ هلڪي دٻ ڪندي هئي. هيٺن ڪنهن وچولي سماجي ناول جي نائڪ جيان ڇو پيو هلين - اچانڪ ڇو نٿيءَ!

تڏهن وري ڪا ڪا دل جي ڪنهن ڪنڊ مان چانڪ آواز بلند ٿيو: آخر نه ڪوئي اهڙو جيون ۾! ....

ليڪن اهو ڪير؟ ڇا، شار.............

" شاردا جي پرڇانوَ اڄ ڏيئي ڇڪو آهيان، ڪيئن؟ آهي نه آلوچڪ؟ ... .. .......

" هنجي پرڇانوَ هنجون ڳالهيون آهن، ليڪن. هن جي جيون جي پرڇانوَ؟ ...... جيون جي پرڇانوَ ...... انهن لفظن هنجي چهري تي گهٽائن جو رنگ پري ڇڏيو.

مان ڪجهه عجب ۾ پئجي ويس. ان سوال پڇڻ جو ادڪار ڇا مونکي نه آهي؟ يا شاردا جي جيون جي پرڇانوَ جي مان لائق نه آهيان؟ يا شاردا جي جيون ۾ بهارن جو پرڀاوُ آهي ....... خزان جو ڦهلاءُ آهي؟ ... ڪجهه نه آهي ليڪن! ......

ليڪن ان 'ليڪن' کي وني صرف ڪلپنا ڪرڻ سان پنهنجي ڪلپنا جي آڌار جي پرڇانوَ ملي سگهي ٿي، جنهن ڳالهه جي ڄاڻڻ لاءِ ڪلپنا جو سهارو ورتو پوي ٿو، اها نه ملي نٿي. ملبل حقيقتن جو جائزو وٺي سنئين يا ان جي ڪنهن روپ کي پائي سگهجيٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر جي حقيقتون پڻ سامهون نه هجن ته؟ محض تصور يا تصور جي بنياد تي بدل حقيقتن جي جانچي مان اصل چيز کي پائڻ نه ممڪن نه آهي ......... چيز جيڪڏهن سطح تي آهي ته ڳهراين ۾ وڃڻ جي؟ جي ڳهراين ۾ آهي نه سطح تي ٿاڦوڙا هڻڻ جي ضرورت رهندي ئي ڪٿي آهي؟ ٻنا ضرورت جي انهن ۾ ڪري سگهجي ٿو، ليڪن ٻر ٻڇيه وري ٻه ڪلپنا جي اڏام جي ملي ٿي، ستيه جي، اصل چيز جي نه ..........

"جيون جي ٻر ٻڇيه؟" گوتم چيو، ليڪ آهيان، لفظن ۾ اٽڪڻ اسپاويڪ نه آهي، ٻر ٻنا اٽڪ ۾ اُلجهي سگهجي ٿو. انهن لفظن ۾ شيڪر، بداء ٻر ٻڇيه کان اڳ جيون ايندو آهي نه، ليڪن جيون آهي ڇا؟

مون سمجهيو، هو ڪجهه ٻه ٻڌائڻ نٿو چاهي. جڏهن واد وواد جو ڪو نتيجو نه هجي ته پوءِ بحث مان ڪنهن ستيه نوس حقيقت يا فڪر وغيره جي نرد ڀڪ وڃڻ جي ڪاميابي ته ڇا، ليڪن ان طرح نزد ڀڪ وڃڻ ۾، جو آتمڪ، مانسڪ آنند يا جمالياتي حظ ملندو آهي، اُهو ٻه ملي نه سگهندو آهي؛ صرف ٻاڻ تي هڪ طنز ڀري مسڪراهٽ؛ سامهون واري ماڻهو لئي هڪ رحم ڀري- منهنجو مطلب آهي هڪ زهر ڀري نهار جي تخليق ٿي ويندي آهي.

ٻر مان نقاد کان اڳ شاعر هيس- ناڪام ٿي سهين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھئس ته ٿڌو ھن ۽ چيو ”جيون ھڪ ساز آھي ۽ آتما
ان جو سر. حالتون ان ساز کي وڄائين ٿيون. جھڙيون
جھڙيون حالتون انجي سامھون اچن ٿيون، اھڙا اھڙا
سر ان ساز مان نڪرن ٿا.“

”خوب!“ ھن چيو ”ليڪن، شاز دا ٺيڪ انجي
اُلٽو ٿي سوچيندي آھي.“

”يعني؟“

”جو ڪجھ مان چوڻ ٿو چاھيان، ان ۾ مکيه لفظ
اھي ٿي ھوندا، جي لفظ تو ڪم آندا آھن. جيون
جي وياکيا ڏيندي ۽ اھڙا لفظ شاردا ان وشيه ۾ ڪم
آندا آھن، اھو صحيح نه آھي ۽ اھو مان اگھر ٿي چئي
تو ڇڏيان.“

مان اڌ پر ٿي اُٿيس. چيم، ”مونکي ھر ٺهين ڳالھ
۾ مھاڳ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي آھي، ڇو
جو انجي شروعات مان ئي مھاڳ جا عناصر ملي
ويندا آھن.“

”چڱو ان ڪي ڇڏ...... ھو ۽ چوي ٿي جيون ھڪ
ساز آھي ۽ حالتون سر، ليڪن وڄائيندڙ انسان ئي
آھي. ھڪ ساز مان طرح طرح جا سر ڪڍي سگھجن
ٿا، ڇو ته حالتون جيون ۾ طرح طرح جا سر پيدا ڪن
ٿيون. دک سھي، دل کي پرہ جي ڪويتا وڻندي
آھي - ڪويتا پڙھي پر آنسون وھائڻ لاءِ دل ٿيندي
آھي - ٿيندي آھي نه؟ تيئن انسان دل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪسوٽي ڪهڙي؟ - اهائي - زندگيءَ جي بهتري - لوڻ پڇندڙ ٿي: پلا بهتريءَ جي ڪسوٽي؟ انلاءِ شاردا چوندي آهي: جا ڳالهه پنهنجي پختي، انهيءَ شعوري من موجب درست آهي، پڪڙ ان کي آهي. نيتي، ورڪ ۽ انصاف جي تقاضا به محض اهائي آهي. جيڪڏهن ڪو ان جو دامن پڪڙي زندگيءَ جي بهتريءَ لاءِ سنگهرش ڪري ته هو شڪست کائي نٿو سگهي - پل پوءِ هو زندگيءَ کي بهتر بڻائي نه سگهي - پل حالتون هجن جو دم گهٽن، مگر پوءِ به هو پنهنجي شڪست جي عالم کان گهٽو گهٽو مٿي آهي - ڇو جو هو جهڪيو نه آهي. هو اٿيو آهي - ستيه لاءِ - نياءَ لاءِ - سنائيءَ لاءِ - يعني زندگيءَ جي بهتريءَ لاءِ. شڪست جهڪڻ ۾، هٽڻ ۾، سنگهرش کان منهن موڙي پڇڙڻ ۾ آهي - ناڪامياب وڃڻ ۾ نه آهي - ڇو ته ان ناڪاميابيءَ ۾ سنگهرش ۽ صرف سنگهرش آهي - لڙندي ٽڪبو هرڪو آهي - ڪي پڇندا به آهن - مگر عارضي طور - ڇو جو جهڪڻ ۽ ياڄ انسان جي بنيادي سڀاءَ جي خلاف آهن، جنهن لاءِ سنسار جو سمورو ساهت ۽ انساني تاريخ ساکي آهي.”

مان اواڪ رهجي ويس. هو ليکڪ آهي. ڏهه سٽون هڪ سٽ ۾ چئي سگهي ٿو، هڪ سٽ، ڏهن سٽن ۾ چئي سگهي ٿو. مگر شاردا ڇا اهڙي ڳوري آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب آندو هن اهڙو ڪهڙو سوچ؟ جيئن جي انڌيري سادنا مان- ايئاس مان؟ مان نٿو ڄاڻان.

لڏ هن هو چانهه جي ڪري هٿ ۾ کڻي، ڪمري ۾ گهري آئي. مگر هو اداس، ڇو- پريشان ڇو؟ هن مون ڏانهن نهاري مسڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. هن جي اکين مر ايري آيل درد جي هڪ ڀاو ئي ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو؛ جنهن درد کي ڏسي نه ڄاڻان ڇو مان به اداس- پريشان ٿي ويس. هن جي هڪ اداس نظر منهنجي من ۾ غم ڀري، مونکي پريشان ڪري ڇڏيو- پريشاني، جا ڄڻ طوفان جو ساڪار روپ پائي منهنجي سيني ۾ اٿل پٿل مچائڻ لڳي- من جي هيءَ ڪئي ڪهڙي- بيچيد گي ڪهڙي- ۽ انجو شاردا جي درد سان سنبند ڪهڙو- واسطو ڪهڙو؟ خاموشيءَ ۾ ئي چانهه پيتي ويئي.

ڪوپ رکندي، آخر ۾ شاردا ئي ڳالهايو، "توهان وٽ ڪجهه ڪتاب نه هوندا ئي؟"

"ها" مون آهستي چيو.

"مونکي ڏيندا؟"

مون ڪليو. ان ڪل ۾ منهنجي التلا-ڪرڻ جو نه ڪجهه دخل هئو.

"ليڪن اوهانجي پسندي؟"

"پسندي!".... هوءَ ڪجهه سوچڻ لڳي.

"ڇو، ڪجهه غلط پڇيم ڇا؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لانگ فيلو چيو آهي ته : Art is long and time is fleeting مجبور ن چوند ڪرڻي تي پوي... پر توهان اڳيان ته ان چوند جو به پورو ملهه نه آهي، جو ته توهان جي پنهنجي به هڪ چوند آهي ؛ جيئڻ لاءِ جيون ؛ ساز واريءَ اُيما مان توهان اهو ظاهر ڪري ڇڏيو ته انسان حالتن جو داس ......."

ته هن سڀ ٻڌو هئو؟ - لڏهن ئي هنجي ڇهري ٿي ...... هوءَ چوندي رهي، "خير پيڊ اسپاوڪ نه آهي، ڪتاب چاهي ڪهڙو به آڻيو، پر آڻجو ؛ منهنجي چوند واري اُلجهن ڪي من جي هڪ سپاوڪ ڏار ٿا سمجهي ڇڏي ڏ جو، اسپاوڪ سمجهي انکي پنهنجي آلوچنا جو شڪار نه بڻائجو."

ڪرشن چيو هئو، "جيون جو دائرو نهايت وشال آهي ؛ تون سنگهر شوادي ته آهين ئي. آشاواد جو آنچل ڇڏڻ ته تنهنجي سياءَ جي خلاف آهي - آخر ته ڪوئي ايندءِ جيون پر......"

آخر ته ڪوئي ايندو جيون پر.......

ڪير آهي اهو؟ ڇا شاردا ؟

ان رات شيلا جا آنسون اگهندي اهو مون ٿي چيو هئو ته، "هاڻ شيکر صرف مترتي رهندو، ڪاما به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاردا جي گهر سامهون هڪ وڏو ميدان آهي. آس پاس ڍڳها ڍڳها وڻ آهن. چانڊوڻي رات ۾، هوا ڪاڻ لاءِ اهو پاسو نهايت موزون آهي.

ليڪن ان رات مان ان پاسي هوا ڪاڻ جي خيال ڪان ڪونہ ويو هئس. گولم مانيءِ ڪاٺي، پان وٺڻ لاءِ گهر مان نڪري چڪو هئس. مونکي گوتم (۾) چيو هئو تہ شاردا لاءِ ڪي ناول .......

"ٻڌو تہ،" مان ڪرسيءَ تي ويٺس مس جو شاردا ٽيبل سان لڳي بيهي چيو، "معلوم ٿو ٿئي، اوهان پاڻُ جي ڪهاڻيءَ جي خوب تعريف ڪئي آهي."

"تعريف جوڳي چيز جي تعريف تہ هميشہ ٿيندي آهي."

هن کلندي چيو، "مگر مون تہ ٻڌو آهي، اوهانجي ادبي ڪلاس ۾ ليڪن تي اڪثر ڪري نڪتہ چيني ٿيندي آهي؟"

"اها ڪلاس جي نندا آهي، ليڪن فخر جوڳي آهي."

"چاڪاڻ جو نندا ڪندڙ هڪ استري آهي."

هن ٽهڪ ڏيندي چيو.

"چاڪاڻ جو اهو ڏيکاريتو تہ ادبي ڪلاس جو نالو گهر گهر پهچي چڪو آهي."

هو زور زور سان کلڻ لڳي.

"ڇو کلين ٿي؟"

"جي. ٻڌ ناميءَ ۾ صرف 'نام' کي ڏسن ٿا، نام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من ۾ شعوري دماغ سان نہ لڳي، غشي پئي جي من گهڙيءَ ڳالهين سان، سرسوتي ديويءَ جي شان ۾ ولي گستاخي ڪندو-" شاردا به ڪلندي چيو، "لڳي ٿو، توهانجي زبان مان سرسوتي نہ، ماں ڳالهائي رهي آهيان!"

"ڇا سچ؟"

"گهڙي پل جو."

آخر نہ ڪوئي ايندو جيون ۾! ........

ڪير؟- ڇا شاردا؟ ........

اڄ ڇو، يڪايڪ منهنجي زبان ۾ منهنجون ئي ڪوتائون تري اچي رهيون آهن؟- اڄ ڇو اوچتو موهه جاڳي اٿيو آهي انهن ڪوتائن ۾؟- هن دل تي ڇا ڪوئي اختيار ئي نٿو سگهي؟- تہ ڇو مونکي شيلا جي ياد ستائي ٿي. ڇو منهنجي اندر مان ڪوئي گردن اوچو ڪري، هنياءَ ڦاڙي جهڙ سچي سنسار کان پڇڻ ٿو چاهي: ڪٿي آهي شيلا ...... منهنجي مترِ، منهنجي ساٿڻ ...... منهنجي همعصرِ- همڪار رفيقا ......

ٿڌهن مان بستري تان اٿي ڪڙو ٿيس. ٻتي ٻار پير نہ پاسي واري ڪمري مان پاڻيءَ جو آواز آيو "شيڪر" ان ڪمري ۾ اڳير ئي اٿي ٻري رهي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري ۾ پرويش ڪندي ئي نظر سڳن جي ڇهري
تي ڄمي ٻهي رهي.

هنجي اکين ۾ خوشي چمڪي رهي هئي، چپن تي مسڪراهٽ کيلي رهي هئي. منهنجي دماغي رڳن ۾ سخت تاڻ هئو. سڄو بدن ڇڻ سيڙجي ويو هئو- مان سڳن جي خوشيءَ جو اندازو لڳائي نٿي سگهيس. مان ڇاڇو ٻڌجي رهيو هئس اها مونکي خبر هئي ۽ سندس پگهار جلد وڌڻو نه هئو- تڏهن انجو ڪارڻ ڪهڙو؟

پاپيءَ ڏانهن منهن ڪري چيم، "ڇڻ پاپي."

"اڄڪلهه تون ايترو پريشان ڇو ٿو رهين؟"

کلي چيم، "ڪٿي ٿو رهان- تون چاهيندي هجين ته......"

"ڏس، مونکان ڪجهه لڪاءِ نه... مونکي شيلا جي خط مان سڀ معلوم ٿيو آهي."

شيلا جو خط!.... شيلا جو خط!.... شيلا جو خط!...

"شيلا جو خط؟ ڪٿي آهي پاپي- ڪڏهن آيو، ڪيئن آيو-؟"

"تو ڏٺي اڄ سان هڪ خط ڪراچيءَ ۾ نرگس جو ڪريءَ ڏانهن لکيو هئو- لکيو هئو نه؟"

هڪ لکيو ته هئو، ليڪن مونکان ته اها ڳالهه ئي وسري ويئي هئي. پاپي چوندي رهي، "ان وقت هنجو ۽ شيلا جو خط آيو اليئي."

مون پاڻوءَ ڏانهن نهاريو به ڪونه- پاپيءَ سان بحث



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ٿي ٿي باري ٿي ان خيال کان هٽي ته نرگس کان خط لکي پڇان ته شيلا جو ڪوئي خط آيو هو يا نه......

تڏهن مان لفافو وٺي ٽڪرو ٽڪرو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو آيس. پهرين شيلا جو خط پڙهيم ۽ پوءِ نرگس جو، ليڪن ٻنهي جو جڏهن جواب لکڻ ويٺس تڏهن پهريون جواب نرگس کي لکيم.

شيلا اسان ٻنهي جي سرگذشت دوستي، لاڏ پلاڻ، پوني ۾ ٿانئيڪو ٿي رهڻ ۾ ڏنل تڪليفن ۽ ان بعد ڪرشن سان شاديءَ جو احوال ڏنو هو. ڪرشن به پوني ۾ هو- هڪ اسڪول ۾ ماستري ڪري رهيو هو.

نرگس لکيو هو ته تنهنجي پريشاني ڏسي، توکي چيڙائڻ ۾ مونکي مزو ايندو هو. ليڪن شيلا جي خط مان معلوم ٿيو ته تون سچ پچ ڪهڙي ڀيانڪ الجهن ۾ گرفتار هئين. شيلا تنهنجي وڏائيءَ جا گيت ڳايا آهن، تڏهن مونکي به دل ٿئي ٿي ته مان توسان دوستي رکان ۽ تون ان طرف جو احوال ڏيندو رهه ۽ مان هن طرف جو- اميد ته آڇ قبول پوندي.

نرگس جي آڇ کان متاثر ٿي، ڪيس مون پنهنجي باقي زندگيءَ جو چٽر ڪيڏي موڪليو ۽ انجام ڪيم ته اها دوستي اڻٽٽ رهندي.

۽ شيلا کي شاديءَ جون واڌايون لکڻ سان گڏ اهو به لکيم ته تون ٿي چاهين ته تنهنجي جدائيءَ مون ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري نہ دوري پيئي چڙهي هئي. اُن دوريءَ جي ڪري مان ڪنهن بہ آفيس ۾ جٽاءُ ڪا ني نہ سگهيو هئس. غلطين مٿان غلطيون ٿينديون ويون هيون. هڪ هڪ غلطيءَ تي هڪ طرف کان سخت نقطہچيني پئي ٿيندي هئي ۽ ٻئي طرف کان مختلف سرن ۾ انيڪ ٺهڪ. ۽ مان ...... ۽ هڪ ڏنڀڻ مان، هڪ درخواست چڙهي، هميشه هميشه لاءِ اُن آفيس کان فرار ٿي ويندو هئس....
ليڪن هاڻ وري نوڪريءَ جي ڳولها ۾ آهيا — گهر جي مٿان بوجو هيءَ ٺيڪ نہ آهي نہ! ۽ آخر مونکي بہ تہ شادي وغيره ڪرڻي آهي!

واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ سان چرڪي ويس. صبح جا چار ٿيا هئا. سڄي رات لکندو رهيو هئس.

هاڻ ڪيڏانهن ويندي شيلا؟ هاڻ هوءَ نزديڪ آهي. مان چاهيان ٿو تہ هوءَ نزديڪ هجي. ڪيترو نہ سک ملندو هن سان ملي ...... ڪاش، هن وقت شيلا ملي وڃي — نرگس ملي وڃي — شاردا ملي وڃي — بہ استريون منهنجيون دوست ۽ هڪ ....
۽ هڪ؟

نہ نہ، هن دل تي اختيار رکڻو پوندو. هڪ شيلا کي چڙهي، پيو سنسار ۾ آهي ٿي ڪير، جو منهنجي من کي چاهيندو هجي. اُداس اُداس ٿي شيلا مونکي اُداس ٿيندو ڏسي پڇندي هئي: ڇا ٿيو؟ چوندو هئس: ڪجهہ ڪونهي - من چنچل آهي نہ، خواه مخواه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان ٿيو وڃي!...... ليڪن سوچيان ٿو، شاردا ڇا
ان پريشان من کي شانت ڪري نه سگهندي؟

پيرَ ڏيهن شاردا جي گهر ڏانهن رخ رکيم.
دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪيم. دروازو کليو....
”تون!........“
مان چپ.
”اچ، اندر اچ.“
........
”ويٺين؟...... ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏي نه!“
........
”آرام ڪرسيءَ مان آرام نٿو اچيئي........ ايترو
بي آرام!“
خاموشيءَ جي گهڙين ۾، جيون پير جي اشانتي...
”معلوم ٿو ٿئي، تنهنجي اندر جو سمهيل ڪوي
جاڳيو آهي. جاڳي ودروه ڪيو، آهي...... ليڪن
ڪنهن جي خلاف؟- منهنجي......“
جيون پير جي اشانتيءَ ۾ طوفان سمي واري ساگر
جي لوڇ جو روپ......
”شيڪر.“
اکيون بند.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شيڪرا“

اکين ۾ هلڪي پيڙا ......

”ڇا ٿيو؟“

اکين ۾ ڪجهه چڙ پڙ ......

هڪ بي نه چڙ پڙ ...... هنڪي پنهنجي نزديڪ آرام ڪرسيءَ جي پٺيان محسوس ڪري ......

ها هوءَ منهنجي پٺيان آهي ......

منهنجي پيشانيءَ تي هنجون آڱريون.

صرف هڪ ڇهاءُ ......

طوفان جي يڪايڪ خاموشي ......

”جاڙن تي! پرڏيهه جي پهرين پل کان توکي جاڳان ٿي شيڪر. تنهنجي اندر جو ڪوي آهي اُن کي به جاڳان ٿي، تنهنجي اندر جو آلوچڪ آهي، اُنکي به، تنهنجي ڪويتا ۽ آلوچنا مان نه جاڳان، پوءِ به تنهنجي پرڏيهه مان مون اُنجو انتر جاتو آهي - اُن انتر ئي توکي ودروهه ڪرايو آهي - ليڪن منهنجو پاپ؟“

”پاپ! متيا جي رچنا ۽ نِبون؟... رهسيمئي.“

”ودروهي.“

”رهسيه ۽ ودروهه گڏ وگڏ هلندا آهن نه؟“

”چاهي نه به هلندا هجن، تڏهن به تون آرام ڪرسيءَ تي آهين ۽ مان تنهنجي پٺيان آهيان.“

مان چپ.

تڏهن هنجو هٿ منهنجي ڳلهي تي ڇو اچي ويو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سيڪنڊ ۾ جڻ هڪ طوفان برپا ٿي ويو. ۽ اهو سڀ ڪجهه مون اُن طوفان ۾ ڪِي پڌو نه ڪو ۽ مون کي منهنجو وشواس آهي شيکر ...... تڏهن اڪيون بند هونديون به اکين آڏو ڦري آيو اهو منظر ......

شيلا جو هٿ منهنجي ڪلهي تي آهي ۽ منهنجون نظرون هن جي چهري تي. اکين ۾ نير ڪنيو هوءَ چئي رهي آهي: توکي پريشان نه ٿي شيکر. توکي نعيڊو پاڻي مان نه خود به جهڪي ٿي وڃان. تو ۾ اوشواس آڻي سان ڪوئي به مهان پاڻي نٿو سگهي... تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر.

”شيکر“ — بي خودي جو حملو ......

چنچل آگر يون اُسٽر — آگر يون آسٽر نه ڇا ڪنهن هماليه کي پنهنجي جڳهه تان هلائي چڏيو؟......

منهنجو منهن ۾ هڪ نازڪ هٿ. هٿ جو سپرش نه اکين جا پلڪ سلجهن ۾ ...... ذهني دنيا ۾ پونچال ......

”روپ ايا به نٿي جاڻان، پوءِ به سڀ جاڻان ٿي. جو آهي، اهو شيل نه آهي، اهو به ......“

مونکي نه مار – مان خولئا ”بي خود“ ”بي خودي“ تون نه آهين. شيلا ڏانهي، جو ڪجهه اُن بعد رهيو، اهو شيل به ڪولهي، تڏهن به مان آهيان ۽ ڇاهي پاڻ ۾ نه به هجان ......

پر اهو سڀ منهنجي من ۾ آهي، زبان ۾ ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل ۾ ڇا ھوندو، اھو اسين صرف ان ڪري ئي نٿا ڄاڻي سگھون، ڇو جو گذريل ھڪ ھڪ پل جي اثر کي اسان صحيح معنيٰ ۾ نہ ڄاتو آھي. ۽ ان ”نہ ڄاڻڻ“ مان مٿيا کي جيون ملي ٿو. ان مٿيا جي جيون مان ئي پاپ جو نرماڻ ٿئي ٿو. ڏڌھن ئي اسين پل پل جي بٽايل راھہ تان پٽڪي ويندا آھيون ۽ جيستائين پل پل جي اثر کي سمجھون نٿا، تيستائين پاپ ڪندا رھون ٿا. پاپ نہ ڪرڻ سان بہ مرتيو ايندو آھي، ليڪن پاپ نہ ھئڻ سبب اھو محض پل پل جي سمبنڌ ۽ انتر جو سنگہ - نشان نٿو بڻجي، اھو تہ خود جيون جو ھڪ اُمت يادگار ٿيو وڃي......

ڏڌھن تہ والميڪ اڄ بہ زنده آھي. ويد وياس بہ زنده آھي. ڪاليداس بہ زنده آھي تہ ٽئگور بہ زنده آھي. شيڪسپيئر بہ زنده آھي، ورڊس ورٿ بہ، ٽالسٽاءِ ۽ مئڪسم گورڪي بہ تہ شاه عبدل لطيف بہ...... بڌ بہ زنده آھي، مارڪس بہ زنده آھي تہ گانڌي بہ......

منھنجي ھردي ۾ باريڪ پاوتائن جو پرواه چٽڪي پيو ھئو......

منھنجو منھن ھاڻ شاردا جي ھٿن ۾ ھئو.

......تہ ڇا مان بہ جيون جي مٿيا جو شڪار ٿي ويو آھيان. ڪھڙي پاپ مونکي مٿيا جو شڪار بڻايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ؟ ليڪن هڪ مٽر جو ٽالو زبان تي اچي، اهو ڇا پاپ آهي ؟

وقت جلد ئي سان ڪنو هلندو آهي. پل جو وچ، وقت جو هڪ پل اڳتي وڌي آهي. ليڪن انهي ڏک ۾ هڪ چال آهي، سڪ ۾ ئي. ڪٿي پل يگ آهي، ڪٿي يگ پل. جو سنسار جو اُهاس ڄاڻي ٿو، اهو آد ڪال کان ڪيل منش جي وڪاس جو درشن هڪ پل ۾ پائي سگهي ٿو. جو نه ڄاڻي، انکي انيڪ يگ لڳي سگهن ٿا انجو درشن پائيندي. اهو ٿيو پل جو پرڀاؤ!...... ۽ اهو پل سڪ سمي پنهنجو پرواهه تيز ڪيو ڇڏي ۽ ڏک ۾ ڇڻ جڙ پٽ ٻٽجي پاڻ کي ٻهارڻ ڇڏي ......

۽ مون ائين محسوس ڪيو، وقت ٻهجي ويو آهي...

شاردا جي هٿ جي هلڪي ڇهاءُ، منهنجي سيني ۾ اُتندڙ آنڌي ۾ کي هڪ پل ۾ شانت ڪرائي، ٻئي پل ۾ مونکي شونيه جي سنسار ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ تڏهن مونکي سوچڻو پيو هئو ته ڪال جي ٻهجي وڃڻ پٺيان ڪهڙو ستيه هو...... ٻر مان وڌيڪ ڪجهه نه سوچي نه سگهيس ۽ مونکي اها به خبر نه پيئي ته شاردا جي سپرش ڪيڏي مهل مون ۾ ننڊ جو خمار پيري ڇڏيو ۽ مان اُن آرام ڪرسيءَ تي ئي ڍرڪي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اک کليم تڏهن ڏٺم هوءَ چانهه ٺاهي رهي هئي. سامهون واري گهڙيال ۾ به ڏهه وڳا هئا - يعني ٽي ڪلاڪ ٻي سڌ پيو هئس. ٻنهي مان ڪنهن به ڪجهه نه ڳالهايو. چانهه ڪان اڳ به نه ئي پوءِ به نه ...... ڪمري مان نڪرڻ مهل به نه ......

گهر اچي مون شيلا کي پيو خط لکيو. ڪيس ياد ڏياريم اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن هن جو هٿ منهنجي ڪلهي تي هو؛ منهنجون نظرون هن جي چهري تي .... اکين ۾ نير کنيو هوءَ چئي رهي هئي: تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکرا!؛ پر اڄ لکيم شاردا جي هلڪي ڇهاءُ تي - لکيم، ڏسانئو، آخر اچي وئي آهي هڪ سرل وشواس منهنجي جيون ۾ ....

هڪ رات گوتم چيو، ” سامهون جو شخص وڃيتو، انکي ڪون ڄاڻين تو شيکر؟ “
چيم، ” نه ته ڄاڻان - ڄاڻڻ جي اڇا به نه آهي. “



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو اُن ڏينهن شاردا جي جيون جو پڇيو هئو نه ؟ -
اڄ ڪجهه ٻڌندين ؟ ڇو، تنهنجي پيشانيءَ پر ريکائون
ڇو؟ شاردا ڪانهي، انڪري تو ٻڌايان ؟ - نه نه نه....
اُن ڏينهن تون شاردا وٽ ويو هئين نه، وچي شو نيء
پر گرفتار ٿيو هئين نه، تڏهن خيال آيم ته ......“
ته ڇا شاردا ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هئو ؟....
”ٻڌ،“ هن چوڻ شروع ڪيو، ”اهو شخص شاردا
جو پڪيت اٿئي.“
هو چوندو رهيو ۽ مان لکندو رهيس.
شاردا جي جيون پر ٻه شخص آيا هئا. ٻئي گوتم
جا دوست.
هڪ پيار ڪيو، جو شادي ڪيل هئو ۽ ٻئي پيار ڪيو،
جو مڱيل هئو. پيار جو واسطو صرف زبان تائين ئي
رهيو هئو. ليڪن هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين مان
شاردا گوتم وٽان سڀ ڄاڻي ويئي، تڏهن اهو ناٽڪ
به ختم ٿي ويو؛ جيئنتو ٽيڪ ناٽڪ پر ناٽڪا هڪ ئي
وقت ۾ سان پر ڪڏهن به نه آئي ......
ٻئي جي به شادي ٿي ويئي، ليڪن بدنصيب
هنجي پتني هڪ ٻار جيو ٻار کي جنم ڏيڻ جي ڪن
گهڙين بعد پاڻ به ٻار جيو ٿي ويئي ۽ هن، پتنيءَ جي
حق پر نه رهي، هڪ دفعو وري ٻه شاردا ڏانهن لاڙو
رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي؛ ليڪن گوتم معرفت....
پنهنجي آزادي ۽ شاردا پڪتيءَ جا گيت ڳائي ......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن گوتم اهو به ٻڌايو ته شاردا جي هن ڳالھ ۾ دلچسپي نه هئي.

ٻهراڻ شخص جو نالو هئو راجن، ٻئي جو سرگم. شاردا جي جيون جي پرڇائي مان جليو ته هئس، ليڪن شاردا جي مسڪنتا مهنجي ان جلن کي گهٽائي ڇڏيو.

۽ ان رات گوتم جي ماني ۽ پيئڻ جو پروگرام هئو سرگم جي گهر. ٻه چار ٻيا به دوست گڏ ٿيا هئا. گوتم مونکي دعوت ڏني جا مون مرڪي نا قبول ڪئي.

ان ئي رات نهايت پريشان مزاج ۾ شاردا وٽ ويس. سڏ ڪونه ڪيم، صرف دروازي تي هلڪو زور ڏنم. دروازو کليو نه، ليڪن ٻهراڻ ڪمري جي بتي ٻارڻ سان گڏوگڏ هڪ سوال ضرور ڪيو ويو....

”پروگرام ڇا ڪئنسل ٿي ويو ياتو؟“

”نه، مان ياتو نه آهيان.“

”تون!“

يڪدم دروازو کليو. شاردا جي نظر ٻهراڻ مون ڏانهن، پوءِ چانڊني رات جي ماحول ڏانهن ۽ پوءِ ڪمري اندر رکيل گهڙيال ڏانهن ويئي.

ڏهه ٿيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، "ها، مان." 

"اڄ"

مان چپ.

"ڇا ٿيو؟"

ساڳيو ئي سوال: ڇا ٿيو؟ - ليڪن مان ڇا ساڳيو جواب ڏيئي سگهيس ٿي؟ ڪجهه ڪونهي، مَن چنچل آهي نه، خواه مخواه . .... شيلا هئي ته ڪاڻ ڳالهه دل پر رهندي ئي نه هئي. ليڪن شاردا کي ڇا مان چئي سگهان ٿو: ڪجهه ڪونهي شاردا، مَن ذرا چنچل آهي نه، خواه مخواه پريشان ٿيو وڃي! دل پر اتيل هن طوفان کي لڄ ۽ پاڻئو ئي پوندو......

"معاف ڪجِ شاردا، مونکان غلطي ٿي وئي آهي. مون کي هڪ پل جي هزارين ڀتيءَ جيتري عرصي لاءِ به اهو خيال نه آيو هئو ته تنهنجي نظر گهڙ پال ڏانهن به ...."

هارِ هوءَ به منهنجي ڀيڻي رهي.

"شاردا ...... تون مونسان ..."

هن اندر اچڻ لاءِ اشارو ڪندي، ڪرسيءَ جي پنيان بيهندي چيو، "توسان....... ليڪن ڇا؟"

مون اندر ٿيندي چيو، "تون مونسان شادي ڪنديءَ؟"

"شادي! ...... وري توکي ڇا ٿي ويو؟"

"ڇاءِ ڪنديءَ؟"

"پر توکي ٿي ڇا ويو آهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهوئي نه مون پاڻ کي پاوناڻن جي پرواهه ۾ ڇڏي ڏنو آهي."

هن هڪ نگهه نظر سان نهاري ٽهڪ ڏنو.

يعني ايمان! ....... مون ديوار کي ٽيڪ ڏئي، دل مان اٿندڙ درد جي ڪراهه کي، دل جي اندر ئي ختم ڪرڻ لاءِ، پنهنجو سڄو زور ديوار کي ڏنو: اهين کندي پنهنجي پاڻ کي دل سان چيم: ڪر اچا بس، پوءِ رڪ پنهنجي من کي چنچل نه ٿيڻ ڏي، اندر ڪرڻ جي لوچ .......

"نه تون بڌيءَ ڪان ڪم نٿو وٺين."

زور روڪي، درد ڀري لهجي ۾ چيم، ڪيئن شاردا!"

"تو پاڻ کي پاوناڻن جي پرواهه ۾ ڇڏي جو ڏنو آهي."

ساڳئي لهجي ۾ چيم "جيڪڏهن ڪنهنجي طبيعت ۾ سچائي آهي ته انکي پاوناڻن جو پرواهه ڪڏهن به غلط منزل ڏانهن نه وٺي ويندو."

هن ڪو به جواب نه ڏنو.

"بڌاءِ، شادي ڪندين؟"

"نه!"

نه! هڪ گهري چوٽ!

"نه، ليڪن ڇو؟"

"ان ليڪن کي رهڻ ڏي."

"ليڪن اهو به ڇو؟ تون منهنجي هيترو قريب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آهين.“

”مونکي قريب پائي ٿي شادي جي آڇ ڪري رهيو آهين نہ؟“

”شايد.“

”۽ اهو ٿو سوچين تہ جا ايترو جلد ڪنهن جي ايترو قريب اچي سگهندي آهي، اها ڪمزور بہ ٿي سگهندي آهي.“

استري ۽ ڪمزور؟ ٿي سگهي ٿي، ليڪن مان ٿو ٿو چوان - مونکي زندگيءَ ائين سيکاريو ٿي ڪونهي....

چيم، ”ائين ٿو سوچيان.“

”توکي سوچڻ گهرجي.“

”ليڪن ڇو شاردا؟“ هاڻ ڏيوار جو سهارو ورتو ڇڏيم.

”اهو بہ ممڪن آهي تہ قريب وڃڻ منهنجو سڀاءُ هجي. مان شايد اڳيئي بہ ڪنهن جي قريب ويئي هجان ۽ اڳيان هلي بہ ........“

”پوءِ بہ هن وقت صرف منهنجي قريب آهين.“

”ڇو نہ هن وقت منهنجي سامهون صرف تون آهين.“

هڪ ٻي گهري چوٽ! ........

”شاردا!“

”سچ ڪڙو ٿو لڳيئي نہ ......“

”اڄ مان تنهنجو کهڙو روپ ڏسي رهيو آهيان.“

”شايد مان ٿي پاونا جي جي پرواهہ آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لون ايترو سخت ني سکھين ني، ان ني مون کڏھن به نه سوچيو آھي.“

”جنھن ني لو نه سوچيو آھي اھو تنھنجي ”نه سوچڻ“ تائين محدود نه آھي.“

”شاردا!“

”ڇا شيکر.“

”لون ڇا مذاق کري رھي آھين؟“

”نه شيکر.“

”پوءِ بڌاءِ، مون سان شادي ڪندين؟“

”ڇگو ھڪ سوال پڇانءِ،“ ھن مشڪي چيو، ”پوءِ شايد چاھيان.“

”پڇ.“

”لون مونکي ڪارائيندين ڇا؟“

”جو مان کائيندس.“

”رھائيندين ڪٿي؟“

”دل ۾.“

”ليڪن مان ته پورا پنج فوٽ ۽ ڇ انچ آھيان، تنھنجي دل ته......“

”ته تنھنجو مطلب آھي ته بيڪار ھٺ جي ناتي مونکي شادي ڪرڻ جو انڪار نه آھي.“

”شايد ھجي به.“

”ڇا ھجي؟...... ”ھجي“ لفظ مطلب سان تو وجي يا انڪار سان؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ هاڻ نقاد ڳالهائي رهيو آهي.“
”نہ تون جواب ڏيڻ نٿي چاهين.“
”جواب نہ ڏيندي پيئي اچان.“
”ليڪن صاف جواب.“
”صاف جواب بہ ڏنو اٿم.“
”يعني نہ...... يعني جيون جي بي ناڪامي.“
”پيار ناتي جي پرواه سبب.“ هن وري بہ ٺهڪ ڏنو.
”پيار ناتا، مان خون بہ ڪري سگهندو آهيان.“
”نقد جو مطلب شايد اهو آهي تہ جي خون ڪري سگهندا آهن، صرف اهي ئي نقاد تي سگهندا آهن. ڪرڻ ۾ هنسا جو ميل نہ ڪڏهن ٿيو نہ آهي.“
هڪ عجيب غصي وچان مان شاردا کان دور ٿي دروازي ڏانهن اچي بيٺس.
...... نہ ايندو هاڻ شيکر شاردا وٽ. اچي بہ ڇو؟...... اڄ لاءِ رهيو ئي ڇا آهي؟ اوه هي منحوس چنڊ! ڪوئي هنکي ٽوڙي ڇو نہ ٿو؟ اڄ مان پرهماتڊ کي ٽوڙڻ جو سوچي بہ نٿو سگهان. زندگيءَ مونکي اهڙو نہ ٽوڙيو آهي جو اسٽر بڻجي بہ نٿو سگهان– اڙي پاڳل، ڇو لڳائي ٿو دل؟– ڪيڏانهن ويئي شيلا، منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، مون ۾ وشواس جو ياءُ رکڻ واري شيلا ...... اڄ اچي ...... ڪوئي بہ اچي منهنجي جيون ۾. صرف ڪلهي تي هٿ رکي ڇڏي: هل هلئي. ڪڏهن مان هليو ويندس. پڇندس بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ: ليڪن ڪير؟ منهنجو هاڻ ڪنهن سان مطلب ڪونهي. بس ڪوئي به اچي، اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي... چوي: هل ساٿي... هل.
"شيکر."

مان دلي طور ڏڏي وئس.

شاردا اکيان وڌي اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو هئو، "هل شيکر."

"ڪيڏانهن؟"

"اندر."

مون پريان ڦري شاردا کي پنهنجين ٻانهن ۾.... ڪالسناء چوي ٿو: چيز کي اپنائي ٻتلائي جاچي ڏسو، تڏهن ٿي توهان کي انجي اصلي روپ جي پوري خبر پوندي؛ پوءِ به منهنجي من چو چاهيو ته بس وڌ ڪ نه آهي سوچڻو. نه جيون- ڪويتا کي پڙهي انجو رس وٺو آهي، انجي ست ست کي پچي ٽوڙي انجي آتما کي نه آهي مارڻو........

ڪيترو نه سک ٿو ملي ڪنهن کي پيار ڪرڻ ۾...

چيم، "مان به سڀ ڄاڻان ٿو شاردا- تنهنجي ماضي ڄاڻان ٿو. ليڪن مونکي تنهنجي ماضيءَ سان ڪوئي مطلب ڪونهي. مان مستقبل ۾ به لوئي ڪو بنڌن نٿو رکڻ چاهيان. تون مون سان شادي ڪرڻ ان لاءِ به مان توکي هاڻ ڪجهه نه چوندس. اڄ ليڪن جڏهن مان تنهنجي اکين ۾ آنسن جي هلڪي ڌارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسان ٿو ته ڌڻ سيني جي اندر آها لمحا ضرور ٿي ٽڙيا ته ڪاش! اسانجي سواسن جو سمبنڌ ڪڏهن به نه ٽٽي...... نه اهي زلفن جون گهٽائون، شوخين جون ٻجليون، سواسن جو سنگيت شل سدا قائم رهي."

ڏيري ڏيري هوءَ سلجهي دور ٿي ويئي.

"منهنجي ماضي چاڻين ٿو؟"

"چاڻان ٿو."

"پوءِ به اِيترو پريم؟"

"پريم پاپ ته نه آهي."

"ليڪن منهنجي جيون ۾ پاپ هجي ته؟"

"ڪمل جو گل هميشه پاڻيءَ ڪان مٿي رهندو آهي."

"ته پاپ آهي مڃين ٿو؟"

"ڪمل جو گل صرف گندي پاڻيءَ ۾ نه رهندو آهي."

هوءَ اُواڪ ٻٽجي منهنجو منهن تڪيندي رهي. مون مرڪيو ته هن چيو، "ته ٿون ڪوين جيان ڳالهائيندو آهين ۽ نقادن جيان بحث به ڪندو آهين."

"جيان چا، مان ته ٻئي آهيان."

"۽ اُنجي انتر ۾ ٿوڪي اچي منهنجي سامهون ڪڙو ڪيو آهي."

"انجو مونکي دک آهي."

"۽ دک، سکن جي سونهن ...."

مون هنجي ٻنهي ٻازن کي پڪڙي چيو، "دک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳالهه نه ڪر شاردا! ...... سک جي هن انمول گهڙين
پر دک جو نالو ئي نه وٺ ...... زندگيءَ مونکي
ايترو نه پوڙهو آهي جو دک جو نالو ٻڌڻ سان ئي اندر
مان ڪجهه ڇڄي ڏڌي لڙو وڃي. اچ آهي ته راحت،
ليڪن مون لاءِ اصل ۾ سکي جيون جي پرياسا آهي -
هاڻ ڏسج هن شيکر جي محبت."

"رهڻ ڏي" هن چيو، "ڇا انجام تو ڪرين؟"
"جيون جو پهريون انجام: توکي نه ڇڏيندس."
"ڏس شيکر، مونکي انجام اقرار پسند نه پوندا
آهن."

"ڇو شاردا، تو ڇا مونکي راڄن ۾ سرگرم جهڙو
سمجهو آهي؟"
"جي انهن جهڙو نه آهين ته انهن جهڙيون ڳالهيون
به نه ڪر."

"شاردا" مون تيز ٿي چيو، "شيکر کي اوشواسي
سمجهڻ جو ساهس ڪير به نٿو ڪري سگهي." روڪجي،
"خير رهڻ ڏي - تون مون ۾ وشواس رکين، اها
ڳالهه مان توکي مڃرائڻ نٿو چاهيان؛ ليڪن ايترو ضرور
چوندس ته ڪنهن وقت ڪنهن مونتي ڪيترو وشواس
ڪيو هئو، اهو ٻڌي تون شايد عمر ڀر پڇتائين ان
اوشواس جي زيادتيءَ سبب پاڻکي معاف ڪري نه
سگهين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ٻانهن کان پڪڙي، اڳ ۾ ئي پڇيو، "ڪيئن ڪيترو وشواس ڪيو هئو، ٻڌاءِ، مان ڄاڻڻ چاهيان ٿي."

"ڇڏ،" مون چيو، "اڄ نه ٻڌائيندس. اڄ ٻڌائي مان زوريءَ هن ڳالهه کي بهتر ڪرڻ نٿو چاهيان ته ڇو جو مون زندگيءَ ۾ زوريءَ ڳالهه جوڙڻ کي ڪڏهن به سداچار نه سمجهيو آهي."

هن ٻانهن ڇڏي، مشڪي چيو، "۽ تنهنجي اڄ؟"

"اها اڄ هئي ۽ اُن ۾ سداچار خلاف ڪجهه به نه هئو."

هوءَ کلڻ لڳي. چيائين، "پلا مونهنجي اوشواس جي ياد ئي؟"

مون به کلي چيو، "پلا ئي نه سگهندس."

۽ مان پلا ئي نٿو سگهان ته پوءِ جو داستان بلڪل مختصر آهي. شيلا لکيو هئو ته هوءَ ڏياريءَ جي موڪلن ۾ ڪرشن سان گڏ چيمبور اچي رهي هئي ۽ هنڪي مون سان گڏجڻ جو اينترو اُساهه نه هئو، جيترو شاردا سان. ليڪن اهو ته شيلا ۾ نئي چالو ته شيلا ۽ منهنجي معرڪا جي ڪهاڻي ٻڌي، جنهن پوئي هلي شيلا سان گلي ملي گڏجڻ جي خواهش ڏيکاري هئي، اها شاردا ئي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاردا!......

اُن ڏيمهن آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، ٻانهون ٻنهي پاسن وراڻي، نظر سامهون ڪرسيءَ تي ويٺل شاردا ڏانهن کپائي موڙ چيو، ”تون منهنجي آهين ..... منهنجي سموري!“

هن سو ڪيم مسڪرايو.

”۽ مان ......“

”۽ تون منهنجو ......هڪ شاندار بزنيس!“

”بزنيس؟“

”هڪ اَتم سود ٻيازي.“

”اهو ڪيئن؟... سود ٻيازيءَ ٻنهيان ڪم ٻالوڀي رهندو آهي.“

”ها رهندو آهي. صرف تڏهن جيم: هڪ اَتم سود ٻيازي.“

”تون ڇا منهنجي نه آهين؟“

”مان نه وشو جي آهيان.“

”وشو جي! ليڪن تون وشو سان شادي نه ڪري سگهين.“

”ها، نٿي ڪري سگهان، ليڪن سنساري معنيٰ ۾.“

”سمجهيم - ان تي نه مان ذرو به ارهو نٿو ٿيان.“

”ليڪن مان سڄي سموري تنهنجي ڪٿي ٿيس؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهان شايد آتمڪ لاڙي جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو.“

”ها! ۽ مان صرف جسم نہ آهيان.“

”ليڪن وشو جي هئڻ جو مطلب؟ - اُنهن ساڻ ڪهڙو؟“

”توهين ڪلاڪار آهين نہ ...... ڪلا کي جيون ۾ سک پرڻ جو ساڌن سمجهندو آهين نہ ...... ليڪن جنهن جيون ۾ توهان سک پرڻ چاهين ٿو، اها صرف تو ڏانهن محدود هجي تہ پوءِ ڪلا جو نرماڻ ٿئي ٿو ڇو - پوءِ ڪو ڪوي ڪويتا لکي ٿو ڇو- لکي انکي ڇاپي جي پستڪ ۾ ڇپائي ٿو ڇو؟ ڪويتا جو نرماڻ ڪندي، تو ڇا ڪڏهن ائين محسوس نہ ڪيو آهي تہ ڪو آهي جو توکي ڏسي وٺو، ڪو آهي جو توکي پڙهي وٺو؟ اهو ڪير آهي؟ اهو جيڪڏهن پرم آهي تہ تو بصورت پرم آهي، ڇو جو، ڪلا جو نرماڻ ڪندي جيڪڏهن ڪير ائين محسوس نہ ڪري تہ شايد نرماڻ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏي! اڪيلائي ڪويتا جو موضوع ٿي سگهي ٿي، ليڪن اڪيلائي ۾ سمرو جيون پري نٿو سگهجي. مانوتا، وشو روپ انسان جي جيون جي آتما آهي؛ مان مانوتا جي سهاري، سموري وشو جي سيوا ڪرڻ چاهيان ٿي. تنهن ڪان وشال جو ارٿ بہ محض ان ۾ سمايل آهي.“

مان چپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” هاڻ د بس آزاد ٿي ويو آهي. ملڪ جي اڏاوتي ڪار ۾ جي مان چاهيو گهي نه آهيان. مان ڪاليج نه پڙهي آهيان، ليڪن سڪول جا سڀ درجا سٺ سال اڳ پاس ڪري چڪي آهيان. ٿڏهن چا ان تعليم جو فائدو نٿي وٺي سگهان؟...... اڄ ٿي نه ماستريءَ جي آڇ آئي آهي، مان چا ان آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيندس.... ڇي آئينده جا مالڪ ٻيڙا آهن، تنکي ناهڻ ۾ چا مونکي پنهنجو من نه ڏيڻو پوندو؟ پوءِ مان سچي سموري تنهنجي ٿيس ۽ ڪيئن؟“

ٿڏهن مان مرڪي رهيو هئس.

ٿڪر ۾ ڪنور ۽ شانتيءَ ۾ ڪيتري نه سنهڙي مٽي آئي هوءَ.

جتي سڏانت جي ڳالهه آهي، اتي هوءَ ڇڙ جهڪڻ جي ٿي نه آهي.

اِن ٿي راهه هن چيو، ”ڏس شيکر، پاڻو نتو چاهي ته توڻ هتي اچين.“

مان ساڳي آرام ڪرسيءَ تي هئس ۽ هوءَ منهنجي پڻيان بيٺي هئي. گوتم، سرگم سان گڏ هڪ پڪڙ ني ويٺو هئو.

مون ڪنڌ مٿي ڪري چيو، ”ڇو؟“

” ڇوي تو نه مون اڳم ۾ ٻه دفعا دوکو کاڌو آهي.“

” دوکو کاڌو نه ڪاڻڻ ڪان ٻچي ويٺي آهين. پرتم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته هئو، لڏهن ته اهو سنبنڌ ڏوکو ٿيو نه. ليڪن ان
۾ هو ڪامياب ويا نه ڪٿي!"

هاڻ هوءَ سامهون واري ڪرسيءَ تي اچي ويٺي.
مون وري به هن جي چهري تي نظر ڄمائي چيو،
"اڄ مان گوتم کي صاف صاف چوندس ته مان توسان
شادي ڪرڻ چاهيان ٿو."

"پر هو قبول ڪندو؟"

"ڇو؟"

"تون بيڪار جو آهين."

"بيڪار آهيان، ليڪن هميشه بيڪار رهندس
اهو ضروري نه آهي."

"درحقيقت هن جي من ۾ هڪ ٻي ڳالهه آهي."

"ڪهڙي؟"

"هاڻ مان توکي ڇا ٻڌايان."

"ڀلا نه ٻڌاءِ، مان خود ئي هن کان پڇندس."

"ڇڱو ٻڌ...... هو سرگرم آهي نه......"

ته ئي ان وقت ٻاهران آواز آيو، "شاردا"

آواز گوتم جو هئو. هن جي اچڻ ۾ اڃا ڪلاڪ کن
پيو هئو. هن جي اچڻ کان اڳ مان هليو وڃڻ هئس،
اٿين ته برابر نه هئو، پوءِ به ان وقت ڪيس ايندو ؟
پنهنجي ئي گهر جي ٻاهران ڀيڻ کي سڏ ڪندو
ڏسي مان ڪجهه سراپجي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شارداأٿي، اڳيان وڌي عجب وچان چيو، ”اهو ڇا پائو، پنهنجي گهر جي ٻاهران......“

”گهر؟“ هن اندر اهندي چيو، ”هاڻ اهو صرف منهنجو گهر ڪٿي رهيو آهي!“

هن مون ڏانهن نهاريو به ڪو نه.

”ماڻ اڄ تنهنجو ڪهڙو روپ ڏسي رهي آهيان پائو!“

”روپ جي ڳالهه ٿي ڪرين!... تو پنهنجو روپ ڏٺو آهي؟“

”پائو!“ شاردا گويا چيخ ڪئي، ”ماڻ - اڀمان نٿي چاهيان، ته هن به اهو سڀ مان برداشت نه ڪري سگهندي پس.“

”چوڻ ٻاهر وڃڻ جون راهون کليل وڃون آهن.“

”راهون ڪڏهن به بند نه ٿينديون آهن.“

”ها چاهيان ٿو، تو ڪڏهن به پاڻ کي حالتن جو داس نه سمجهو آهي. تون حالتون ناهي سگهندي آهين. ٻين جي حالتن سان لڙي سگهندي آهين. حالتن سان ناهه ڪمزوري سمجهندي آهين. ماڻ سڀ چاهيان ٿو... تنهنجو لڙڻ به... نه جهڪڻ به.“

شارد کلي ڏنو.

”تون نه منهنجي فائدي ۾ ڳالهائي وئين پائو، پوء نه تنهنجو پاسو ڪمزور ٿي ويندو. پائو هوندي به ليڪ آهين نه... تنهنجي نس نس ۾ سچائي...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوتم جي بنياد کان اکڙجي ويو.
آهستي چيائين، "اڄ تو کي نه ڏسي، پوءِ به آئون
آهيان. اڄ ڪجهه ڏينهن اڳي آئون آهيان... اڄ منهنجي
من ۾ هڪ گمان جاڳيو هئو...... تون به نه سڄي جي
آڳاڙي آهين نه...... پوءِ تون سرگم جي اڙيل جو
قدر......"
"ڇو...... ڪجهه وقت ڪو ڇو."
"هو نه تنهنجي پوڄا ڪرڻ ٿو چاهي."
اهڙيءَ ناٽڪيل فضا ۾ شاردا ڪان هڪ ٿڪ
نڪري ويو.
"ڇنيس مان اڃا زنده آهيان. پوڄا جي ڪڙي
ضرورت نه آهي. جيڪڏهن پوءِ به هو پوڄا ڪرڻ
لاءِ آتو آهي ته ڇنيس سنسار ۾ اڃا به ڪيترا سنگتراش
موجود آهن، ڪنهن به هڪ کان منهنجي مورتي ٺهرائي
منهنجي پوڄا ڪري سگهي ٿو."
ڪن گهڙين لاءِ خوفناڪ سناٽو......
"پر تو نه سائي ڳولهڻ ۾ هميشه غلطي ڪئي آهي."
تڏهن مون هڪ تکي نظر سان گوتم ڏانهن نهاريو.
گوتم جي نظر شاردا ۾ هئي.
"هن غلطيءَ جي واقفيت به تو مان ئي ملي آهي."
"تڏهن به منهنجي معنيٰ؟"
"جڏهن مان ڏسان ٿي ته تون منهنجي جيون جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو پورو پورو نٿو ڪري سگهين، ٻڌهن ڳي مان
لوڪان ڪٿجي دور ٿي وڃي آهيان."

وري به ساڳيو سناٽو.......

"چڱو مان هلان ٿو." هو اٿي وڃڻ لڳو. سندس
اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هئو. دروازي وٽ روڪجي
پويان منهن ڪري چيائين، "اڄ مان ڪيس سڀ ڪجهه
صاف صاف چئي ڇڏيندس."

هو ويو ته شاردا جون اکيون ڀرجي آيون.
مان اُتيس ته يڪدم اڳيان وڌي آئي. منهنجي
ٻنهي هٿن کي ڪراين کان پڪڙي چيائين، "ٻڌاءِ
شيکر، تون مونکي ڇڏي ته نه ڏيندين؟"

هيءَ اُهائي شاردا هئي، جنهن چيو هئو: ڏس
شيکر، مونکي انجام اقرار پسند نه پوندا آهن......
جنهن کي ان ڳالهه جي چنتا ئي نه هئي ته شيکر ۾ اوشواس
آڻڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا زيادتي ٿي نٿي سگهي.......
اڄ اُهائي شاردا ٿي پڇي: شيکر، تون مونکي ڇڏي
ته نه ڏيندين! هن جا هٿ اڃا به منهنجي ڪراين ۾ هئا.
مون پنهنجا ٻئي هٿ اڳيان وڌائي، هنجي منهن ۾
قابو ڪري چيو، "ڪجهه پڇ نه شاردا. انجو جواب
لوڪي شيلائي ڏيندي. شيکر لاءِ سنسار ۾ وشواس
جهڙي ٻي چيز ئي ڪانهي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي ليکڪن لاءِ

سنڌ جي سمورن ترقي پسند ليکڪن کي، سنڌي ثقافت گهر طرفان گذارش ڪئي ٿي وڃي ته هو پنهنجا مڪمل ڪتاب اسان جي اداري حوالي ڪن. اسان جو ادارو انهن کي مناسب معاوضو ڏيڻ سان گڏ انهن ڪتابن کي شاندار نموني سان شايع ڪرائيندو.

خط و ڪتابت لاءِ

**پوسٽ باڪس نمبر ١٩،**
جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻپڙهيل کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنھنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ڀاءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com